
روز تکیان راهون

شاعري

شفيق احمد شفيق چنا [خليفو]



سهيڙيندڙ

اعجاز علي سوڊر

پي ايڇ ڊي اسڪالر

شاد

Scanned with CamScanner

بسم الله الرحمٰن الرحيم

روز تڪِيان راهون

(شاعري)

شفيق احمد "شفيق" چنا (خليفو)

سهيڙيندڙ

مولانا اعجاز علي سوڍر

پي ايچ ڊي اسڪالر ميهڙ

<u>ڇپائيندڙ</u>

(Ash-Shafeeq Welfaire Association Mehar)

(الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن (آس) ميهڙ)

2024ع

<u>حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ آهن.</u>

(شاعري)

شفيق احمد"شفيق" چنا (خليفو)

ڪتاب جو نالو	:	روز تڪِيان راهون
سهيڙيندڙ	:	مولانا اعجاز علي سوڍر
ڇاپو پهريون	:	جنوري 2024ع
ڪمپوزنگ	:	
ٽائٽل / لي آئوٽ	:	
تعداد	:	500 پنج سو
ڇپائيندڙ	:	(Aas)

(Ash-Shafeeq Welfaire Association Mehar)

(الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن (آس) ميهڙ)

سهڪار	:	پروفيسر عبيدالله لاڪير،
		محبوب علي "محبوب" ڏيپر ۽
		صاحب خان بن شفيق احمد چنا
ڇپيندڙ	:	شاد پبليڪيشنز- حيدرآباد
قيمت	:	500 روپيا

<u>ملڻ جا هنڌ</u>

سائين شفيق احمد چنا ميهڙ 03003253283

مولانا اعجاز علي سوڍر ميهڙ 03013349366

پيڪاڪ ڪتاب گهر حيدر چوڪ حيدرآباد

03043018300

دل منتظر آ منهنجي، روز تڪيان راهون تنهنجون،
نيڻ تہ اگهنديون، ڪڏهن تہ ٻڌبيون دانهون منهنجون،
سڄڻ منهنجي اڱڻ تي اچڻ جو اگر اهتمام ڪرين،
”شفيق“ نيڻ وڇائي، هوند هار ڪري ٻانهون پنهنجون.

ارپنا

مان پنهنجي هن ڪاوش کي سائين شفيق احمد جي امڙ سائڻ، سائين جي زوجہ محترمہ، سائين جي بابا سائين صاحبڏنو چنا، سائين جي ڏاڏا سائين امان الله چنا (المعروف خليفو آمن فقير)، سائين جي نانا سائين حاجي غلام محمد چنا، سائين سائين جي وڏي ڀاءُ منيرالحق چنا، سائين جي سوٽ محمد اسماعيل چنا، سائين جي سوٽ اختيار احمد چنا ۽ سائين جي مٽ مائٽن کي ارپيان ٿو.

وَالجاهِلونَ لِأَهلِ العِلمِ أَعداءُ
وَإِن أَتَيتَ بِجودٍ مِن ذَوي نَسَبٍ
فَإِنَّ نِسبَتَنا جودٌ وَعَلياءُ
فَفُز بِعِلمٍ وَلا تَطلُب بِهِ بَدَلاً
فَالناسُ مَوتى وَأَهلُ العِلمِ أَحياءُ

حضرت علي المرتضیٰ شيرِ خدا ڪرم الله وجهه

Roz Takiyaan Rahoon

(Shafique Ahmed Channa (Khaleefo))

Compiled By
(Maulana Aijaz Ali Sodhar, PhD Scholar, Mehar)
aijazsodhar58@gmail.com

سائين شفيق احمد چنا کي خراج تحسين
(اعجاز علي سوڍر)

قرب سندو ڪردار سندس،
عجيب قسم جو انسان ڏٺم
دارو درمل ٻٽجي دلبر هو،
دردمند دلين جو درمان ڏٺم
ڪري امداد ابوجهن جي هو پنهنجي،
وِت ۽ وَس آهر اهڙو خان ڏٺم
ڪلي خيرات ڏئي خليفو،
خوب خدمت ڪندڙ فرمان ڏٺم
رب جي رضا جو رهيو سدا متلاشي
ڪنڌ جهڪيل قربان ڏٺم
دلبر دِيد وارو دارو آهي
مرڪندڙ اهڙو هِت مهربان ڏٺم
ڪوٺ ڏئي تو قرب سندي
امن لئي اتساھ پريو ارمان ڏٺم
ٻُجهي تو ٻاجهارو ميهڙ منجھ
محبت پريل هڪ مسلمان ڏٺم
”خليفو“ ڪلندو رهي سدائين
سندن ڪردار مٿان هزارين حيران ڏٺم
”شفيق“ شفقت ساڻ پريل آهي پرپور
”انمول“ اتم اعلىٰ اهڙو انسان ڏٺم

روز تڪيان راهون (ڪجھ يادگيريون)

مان پنهنجي يادگيري جي شروعات بابا سائين ۽ پنهنجي پياري جيجل امڙ جي هن دعائن سان ڪريان ٿو. ” الله سائين توهان کي عرشئون اڏيندو، ڪائيندؤ، چوڙيندؤ، الله ڪندو ڪو ڪوسو واءُ نہ لڳندؤ، دشمن شڪست ڪائيندو ۽ توهان هميشہ سگهارا ٿيندؤ.“ پياري گهرواريءَ جا هي لفظ ياد ڪريان ٿو تہ، ڊيوٽي تان واپسي تي روز جو معمول هو. آءُ جڏهن ڊيوٽيءَ تان واپس موٽي گهر ايندو هئس تہ جاٽي واٽي چوندو هيس، ڪاٽي آ صاحب خان جي ماءُ يا فضا جي ماءُ؟ اگر گهرواري سني موڊ ۾ هوندي هئي تہ ڪلي ڪيڪار ڪندي هئي، موڊ صحيح نہ هوندو هو تہ خاموش رهندي هئي يا جواب ۾ چوندي هئي:”قربائتا ڪم تي ڪريان.“ اچا سائينجن ڪاوڙ ۾ آهن؟ مطلب تہ گهر ۾ ڪنهن ٻار ٻچي تي ڪا ڪاوڙ هوندي هيس. مان جواب ۾ چوندو هيس: اهڙي مون سان ڳالھ نہ ڪر. جنهن جي پوئواري مان نہ ڪري سگهان. بابا توهان مايون پاڻ جاٽو، اگر مون ڪي ڪاوڙ آئي تہ جواب ڏڪيو ڏيندس. منهنجا اهي لفظ ٻڌي پياري گهرواري جواب ۾ چوندي هئي: مون جا چيو قربائتا؟ آءِ چوندو هيس: مان قربائتو ناهيان. ”مان تہ چوان تي قربائتو آهين.“ پوءِ اصل ڳالھ ڪان ٽٽائيندي چوندي هئي: ”ڏاڍن ماڻهن سان ڪير ڳالهائي، ڏاڍي ماڻهو ڪي مٿي پر هڻ تہ پيرن پر بينو آهي، اگر پيرن پر هڻ تہ مٿي پر بينو آهي.“ ڪلي خوش ٿي وري پنهنجي زندگيءَ جو سفر روان دوان رڪندا هئاسين. اڄ پنهنجن پيارن ڪي ياد ڪندي مايوسي جي درياءَ مان گذرڻو پوي ٿو. الله سائين ڪين جنت الفردوس ۾ اعلىٰ مقام عطا فرمائي ۽ مسلمان امت جي مغفرت فرمائي جنت ۾ داخل ڪري. آمين.

شفيق احمد ”شفيق“ چنا (خليفو)

مهاڳ

هر انسان کي مختلف قسمن جا شوق ۽ چاهتون هونديون آهن. انسان پنهنجي دل جي چاهت پنيان ڊوڙندي ٿڪاوت کان بي فخر بس پنهنجي ڌن ۾ مگن هلندو رهي ٿو. سائين شفيق احمد چنو بہ پنهنجي ڌن ۾ پنهنجي آخرت سنوارڻ جي لاءِ فلاحي خدمتون ۽ تدريس ڪرڻ سان گڏ پنهنجي سوچ ۽ چاهت کي شاعريءَ ۾ سهيڙڻ جي ڪوشش ۾ رڌل رهندو آهي. سائين شفيق احمد چنو زندگيءَ ۾ پيش آيل واقعات، مليل ماڻ، مليل غم، مليل خوشي ۽ وقت جي وهڪري ۾ لڙهندڙ زندگيءَ جي لمحن کي شاعريءَ ۾ قلمبند ڪرڻ جي ڌن ۾ رڌل هوندو آهي. سائين شفيق احمد صاحب بهترين طبيعت جو مالڪ هجڻ سان گڏ رحمدل، هڏ ڏوکي، ٻين جو احساس ڪرڻ وارو، پاڻ سان نامناسب رويو رکندڙ مٽ مائٽ توڙي دوست جي انهيءَ عمل کي نظرانداز ڪري وري ڪيس پاڻ سان جوڙڻ، جيڪو ڪيس ستائي سندس ستم کي چپ چاپ سهڻ ۽ پنهنجي چاهت مٿان ٻين جي منشا کي ترجيح ڏيڻ واري انساني اعلیٰ صفتن جو مالڪ آهي. زندگيءَ ۾ جيڪو ڪجهہ وهي واپرائي ٿو انهيءَ کي پنهنجي ٿوٽي ڦوٽي شاعريءَ ۾ محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو آهي. سندس طبيعت ۾ ”جيڪو ٿيو انهيءَ ۾ الله تعالیٰ جي طرفان ڪانہ ڪا حڪمت هوندي“ واري سوچ رکي پنهنجي منزل طرف رستي جي اوٽائين کي نظرانداز ڪندي روان دوان رهڻ شامل آهي. سائين تمام سادگي پسند انسان آهي. ڪنهن کي بہ منهنجي طرفان ڪوبہ ڪنهن بہ طرح جو غم نہ رَسي واري سوچ رکڻ وارو منش آهي. سائين الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن ”AAS“ جي نالي سان پنهنجي ڪيسي منجهان خرچ ڪري هڪ ننڍڙو فلاحي ادارو هلائي پنهنجي دل کي خوش ۽ مطمئن ڪري ٿو. انهيءَ فلاحي اداري کي هلائڻ لاءِ ڪوبہ مخير نہ هجڻ باوجود سالن کان وني ضرورتمند ماڻهن جي مدد ڪندو رهي ٿو. پاڻ پنهنجي شاعري لکي بي ترتيب رکندو آهي. سائين محترم مولانا اعجاز علي سوڍر همٿ ڪري سائين جي شاعري کي ڳولهي گڏ ڪري ڪتابي شڪل ڏئي قابل تعريف ڪم ڪيو آهي. بيشڪ سائين شفيق احمد چنو جي شاعري ڪنهن کي پسند اچي يا نہ اچي يا شاعري انهيءَ ليول جي نہ بہ هجي، يا شاعري وزن، بحر، ڪافيہ، رديف يعني تقطيع جي اعتبار سان صحيح نہ بہ هجي پر ايترو ضرور آهي تہ هي سندس شوق ۽ سندس دل جون ڳالهيون آهن جيڪي پاڻ ڪجهہ سهٽن لفظن ۾ آٽي شاعريءَ جي طرز کي اپنائي ٿو. سائين شفيق صاحب جي شخصيت ميهڙ جي مَهان ماڻهن جي فهرست جي پهرين صف ۾ شامل آهي. پاڻ پنهنجي دل جون ڳالهيون بہ شاعري جي زبان ۾ لکندو رهي ٿو. جيئن سندس شعر آهي:

جيون ساٿي ڪانسوا مزو نہ ٿو اچي
تنهنجو درد دل ۾ پيو ٿو هر هر نچي
خليفا وڇڙي ضرور ويو وسريو ناهي
وري تنهنجي ملڻ لئي درد پيو مچي

ڪا زال سگهڙ پي ٿيندي آ
ڪا زال سياڳي پي ٿيندي آ
خليفا اهو مقابلو نہ ڪر يار
ڪا زال نياڳي پي ٿيندي آ

محبوب پي آهي بنا وڪيل جي زور
وڪيل ڪيون ٿا تہ اهي پي ڏين ٿا ٿوڙ
خليفا پيار جو ڪيس ڪيئن لڙون يار
هوڏانهن محبوب هيڏانهن دل جو زور

انسان کي انسان ڏسي پي نري ٿو
چوندا آهن تہ ياءُ کان پڙوو منو
تڏهن تہ يار ياءُ آ ياءُ کي ڪنو

خليفا ڇا حال ٿي ويو آ زماني جو
هڪ کي پرڇاءِ ته ٻيو بيٺو آ رڻو

پاڻ تدريس جهڙي پيغمبري پيشي سان وابسته آهي. اتي به پاڻ سان ٿيل ناانصافين ۽ مليل ڏکن جو اظهار به پنهنجي ٿوتي قوتي شاعريءَ ۾ ڪندو آهي. جيئن پاڻ چوي ٿو:

حالات تي لڪ ته سڀ ڪاوڙجي وڃن ٿا
علمي پوسٽ رک ته سڀ ڪاوڙجي وڃن ٿا
خليفا ڪنهنکي پيي ٿوري صلاح ڏي ته يار
ٿورو ادب سک ته سڀ ڪاوڙجي وڃن ٿا

سائين شفيق احمد سنڌ ڌرتي ۽ سنڌ وارن جو به سچو عاشق آهي. پاڻ پنهنجي ڌرتي ماتا سان نينهن جو ناتو برابر نڀائيندو اچي پيو. ايئن به ته ناهي جو ڪو ماڻهو پنهنجي هڙ لٽائي پنهنجي محبت جو ثبوت پيش ڪري. پر جيترو ڪجهه ڪرڻ جو مڪلف انسان هجي ٿو، سائين شفيق انهيءَ ۾ ٻين کان ڪجهه سرس رهي ٿو. پاڻ پنهنجي ڌرتي ماتا ۽ ڌرتي ڌڻين جي پنهنجي وِت ۽ وَس خاطر خدمت ته ڪندو رهي ٿو ۽ پنهنجي شاعريءَ ۾ اهڙو اظهار به ڪندو رهي ٿو. پاڻ سنڌ مٿان ٿيندڙ ظلمن، ڌارين جي للڪار، لٽ مار ۽ ناحق قبضن کان به باخبر آهي. پاڻ پنهنجي شاعري ۾ انهن ڌارين جي آبادڪاري، ڌارين جي لوڏ، ڌارين جي ظلمن ۽ ڌارين جي اچڻ سان ٿيڻ وارن نقصانن بابت پنهنجي دل جي ڀڙاس به ڪڍي ٿو:

يار سان پيار ڪبو
پيار جو اظهار ڪبو
مگر سنڌ امڙ خاطر "شفيق"
دشمن تي ڀرپور وار ڪبو

ظالم سان حق لئي وڙهڻو آهي
مظلوم کي نه ڏيڻو مهڻو آهي
خليفا هيءَ جنگ ازل کان جاري
آهي اصلي پوئتي پيي هٽڻو ناهي

سائين شفيق احمد سماج جي سچي عڪاسي ڪري ايندڙ نسل کي پنهنجي دؤر ۾ سماج جو آئينو پيش ڪرڻ جي ڪوشش به ڪري ٿو. سائين پنهنجي ذهن تي تري ايندڙ سوچ کي اکرن جي صورت بخشي شاعري جو روپ ڏئي ٿو:

حق ڳالهائڻ جا شينهن آهيون
رات هوندي به ڏينهن آهيون
خليفا ڇا ڪريون نا اهلن کي
قوم لئي اڻ مدائتو مينهن آهيون

تون ڪوڙا ڪوڙ ڳالهائين ٿو
ڏئي دلاسا دل بهلائين ٿو
سالن کان آسرا ڏيندو آئين
ڇو سارن کي تون ستائين ٿو
شفيق جهڙن کي نڪرائين ٿو
پو پيي پنهنجو پاڻ وڻائين ٿو

پاڻ تعليم جي فائدن ۽ تعليم جي کوٽ جي ڪري ٿيڻ وارن نقصانن بابت به لکندو رهي ٿو. پاڻ جيئن هٿن جو سخي مڙس آهي بلڪل اهڙو سخي قلم ۽ زبان جو به آهي. سائين جي ڪردار ۽ خدمتن مٿان قلم کڻڻ جي ضرورت آهي. سندس شخصيت مٿان مختلف پهلوئن جي حساب سان ڪئي ڪتاب لکي سگهجن ٿا. مان اڄ پنهنجي قلم ذريعي سائين محترم مولانا اعجاز علي سوڍر صاحب کي اهو عرض

ڪندس تہ سائين توھان جيئن سائين شفيق احمد چنا صاحب جي شاعري ڪي سھيڙي ھي ٻيو ڪتاب آندو آھي، ايئن مھرباني ڪري سائين جن جي شخصيت، زندگي، خدمتن ۽ ڪردار بابت بہ قلم ڪٽي ڪو ڪتاب آڻيو تہ جيئن ميھڙ جي ھن فلاحي انسان جي خدمتن ڪي تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ ڪري سگھجي. منھنجي نظر ۾ حقيقت اھا آھي تہ ڪيس مخير حضرات ڪي ڪوٽ آھي ورنہ انھيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آھي تہ ھي جوڳو جوان ميھڙ جو ايڏي آھي. افسوس جو سندس سماجي، فلاحي ۽ ڀھبودي خدمتن ۾ سندس ٻانھن ٻيلي ڪوئي ڪونھي ڪو ورنہ ھي جوان پنھنجي سچائي، سچي لگن، نيڪ نيتي، انسانيت جي اھنجن جو دارو ڪرڻ جي درد ۽ دلي ھمدرديءَ جھڙي خوبي ھجڻ ڪري انسانيت جي خدمت ۾ وڏو نالو ڪمائي مظلوم عوام جون اڻ ميون دعائون حاصل ڪري وني ھان.

ڀلائي جي طرف ڪير ڀي وري نہ ٿو
آس جي آفيس ۾ ڪو سخي لڙي نہ ٿو
غريبن جي مدد ۾ ساٿ ڏيو ”شفيق“ جو
صحت تعليم ۾ ڪير ڀي مدد ڪري نہ ٿو

احمد رضا آگرو
ميھڙ
22 جنوري 2024

حمد

مولا تنھنجي قدرت جو ڪمال ڏسي دنگ رھجي وڃون ٿا
ھيڏي وڏي ڪاريگريءَ جو ڪمال ڏسي دنگ رھجي وڃون ٿا

جوڙيو تو ھيڏو وڏو سنسار وسري نہ ٿو ڪوئي تو ڪان
ملي رزق ھر ڪنھن ڪي اھو ڪمال ڏسي دنگ رھجي وڃون ٿا

بي خبر ناھين خدايا تون، ھر ھڪ جي خبر خوب رکين ٿو
سڻي تون سيني جي، سو ڪمال ڏسي دنگ رھجي وڃون ٿا

جيت، ماڻھو، وڻ، ساوڪ، پکي، پھڻ تو اڻ ميا آھن پيدا ڪيا
ساوڪ سارو سنسار آھي ڪمال ڏسي دنگ رھجي وڃون ٿا

”شفيق“ شفقت تو مالڪ جي ٿو وساري وڏو ڪو نادان آھي
رحمت وري بہ تو رب جي ڪمال ڏسي دنگ رھجي وڃون ٿا

نعت

كمال شفقت، هيڏي آ حڪمت، رسول بڻجي رحمت آيو
غمگينن غم خوار، يتيمن هو يار، آقا بڻجي آفتاب آيو

روئي روئي رب ريجهائي، ڪرم جنهنجو ڪامل آهي
رسول رهبر، سراپا سو صبر، مرشد بڻجي مير آيو

مڪو توڙي مدينو، ڏسان ته نري منهنجو هي سينو
مصطفیٰ مهربان، جبرائيل دربان بڻجي ان در جو آيو

پنهنجا توڙي پراوا ڏک ڏيندا سرور کي ستائيندا رهيا
”شفيق“ شڪر ڪر، امر تي عمل ڪر، سچو بڻجي سرور آيو

پيار جي دلدل ۾ ڦاسي پياسين

پيار جي دلدل ۾ ڦاسي پياسين روئندا رهياسين
ڪئي هردم وفا پر پوءِ پيي بي وفا سڏياسين

الفت جي راهن ۾ ملي سدا اداسي اسان کي
ڪنڌ جهڪائي قرب کي ڪمائي وياسين

ڏين تا چڙهون دڙڪا دهمان الڳ الائي چو
اسان ته وري ازل کان ئي انهن جا هئاسين

منٿون ايلاز به ڪرٽا پون تا هر هر مون کي
مجائڻ لاءِ ڪافي محبتي ماٽهو پڻ مڙياسين

”خليفا“ ڪوڙ خوشيون ڪلي ڏنيون انهن کي
چڙهن ايئن پيا جڻ دنيا ۾ اڏارا رهياسين

تا جيئرا جلن آهستي آهستي

تنهنجي جدائي تي تا جيئرا جلن آهستي آهستي
ديدار تنهنجي تي من ڦٿ سکن آهستي آهستي

جيئري جدايون نهن ٿيون تنهنجون منهنجون
اجايو حسرتون رهن ٿيون تنهنجون منهنجون
زندگي جا قيمتي لمحا گذرن تا آهستي آهستي

ڪاوڙ چڏ ناه ۾ الله پي راضي آهي
بي قصور آهيان منهنجو قصور ناهي
سزا ڏي دشمن ڪلن تا آهستي آهستي

روز روز انتظار ڪري هي ويچارو پوڙهو
اچي دردن پي ڪيو اٿس ان کي سوڙهو
ملي وچ منا مهٽا ملن تا آهستي آهستي

"خليفو" خير جون دعائون گهري پيو تو
اچي مل ملڻ جون اميدون رکي پيو تو
خير ۾ برڪت آ محبت جا وسن آهستي آهستي

ڏوه ڪنهنجو هو

محبت ۾ ڏوه ڪنهنجو هو
خبر ئي نه پئي ڏوه پنهنجو هو

وعدو اقرار ڪري ڦري ويو هو جاني
ڏوهي ڪري ويو پر ڏوه ان جو هو

ڪنهن کي عزت ملي نه اهليت تي
هي عجب ئي رواج تنهنجو هو

زخم پنهنجا ڇٽن به ڪيئنءَ آخر
ڪين ڪنهن وٽ علاج منهنجو هو

عاشقي ۾ شاعري ڪئي، ماٺهن وٽ
ٽوڪ ٺٺول ۾ پاڻ شامل هو جو هو

سونهن ڏسي خوش ٿئي تو "خليفو"
بادشاهن پي تخت چڏي ڏنو پنهنجو هو

چا ٿي پيو

محبت جي ڪري اڪيلا ٿياسين تہ چا ٿي پيو
سڙي رت ويو رنگ جا پيلا ٿياسين تہ چا ٿي پيو

زماني جي نفرتن جيءَ جهوريو ڪنهنجي ڪري
ان جي ڪري جي قتل ميلا ٿياسين تہ چا ٿي پيو

خوش ڏسي توکي خوشي ملي گهڙي راحت جي
گهڙي سوا لئي جي وسيلا ٿياسين تہ چا ٿي پيو

هي دربدر زندگي شل ڪم اچي وجي توکي دلبر
محبت جي بکايل جا ويلا ٿياسين تہ چا ٿي پيو

”خليفا“ محبوب جي محبت جا تہ طالب هياسين
اگر پيار جي مسجد ۾ ملا ٿياسين تہ چا ٿي پيو

تو سوا منهنجا منا

ويران دل آهي تو سوا منهنجا منا
چو ٿيو آهين تون خفا منهنجا منا

دل جي ڪوئل اڄ ٻول ٻوليو
موهي وِڌو ان جي سدا منهنجا منا

تون چو ٿيو آهين مون ڪان جدا
مون تہ ڪئي توسان وفا منهنجا منا

روز وينو نهاريان تنهنجون واٽون
چو نہ آئين تون پلا منهنجا منا

تو چپ چوري وڌو ڪوري منهن موڙي
ڇڏيئي جيءُ جهوري صفا منهنجا منا

من ۾ تنهنجي تات وائي ناهي ٻي ڪا وات
بخش ”شفيق“ ڪي جيڪا ڪئي خطا منهنجا منا

هر هنڌ تي

تنهنجون يادون هيون يار هر هنڌ تي
گهاوَ گهرا رسيا ساهه جي سَنڌ تي

ناز ڏاڍا ڪيئين حسن جي زور تي
مون قبوليو ڪسڻ ڪاتي ڏي ڪنڌ تي

ناز نخرا هيا جي سهڻ کان وڏا
تيرا ڏاڍا لڳا پيار جي پنڌ تي

سخت ايڏو نہ تون يار ٿيندو نہ ڪر
جو اثر ٿي وڃي دل جي هر بند تي

قيد قابو ڪري تو ”شفيق“ آ وڌو
تون نہ آهين اجان حسن جي انڌ تي

منهنجا صنم

چنڊ جي روشني ڪيتري آهي ڪم
تون مٺي چنڊ کان آهين منهنجا صنم

چنڊ ٿو حسن تنهنجي تي پڄي
ٿين ٿو نروار جڏ مونکي تنهنجو قسم

تون جڏهن ٿو ڪرين پنهنجو پردو پري
ڪيترن جا ڪرين حوصلا تون ٿو گم

باغ دل جي ۾ تون مان ٻئي جي هجون
ياڳ پنهنجا پلا پو ڪيون ڇا جو غم

تنهنجي ڇهري تي ڇا ٻيو ”شفيق“ لکي
تنهنجي ساراهہ ۾ ٻيهي ويو آ قلم

مون تو لاءِ دانهون ڪيون چونہ هونديون

مون تو لاءِ دانهون ڪيون چونہ هونديون
ٻڌيون لوڪ ساري ٻڌيون تو نہ هونديون

لڇان پيو ٿڦان پيو ۽ ڦٽڪان پيو تو لئي
منهنجون يار يادون توکي ڪونہ هونديون

ڏٺم رات اڄ خواب ۾ يار تو کي
اڪيرون مونکي تنهنجون ير پونہ هونديون

لکيم خون سان خط سوين يار توڏي
”پپو“روئي پڇنديون چو تنهنجو نہ هونديون

اصلاح سنڌ جو مشهور شاعر سائين ناظم منگي
صاحب(1991 _06_21)

اڄ پيار ڪاٿي آ

ڏٺيسين ياري يارن جي سچو يار ڪاٿي آ
گهلن ٿا واءُ نفرت جا رهيو اڄ پيار ڪاٿي آ

دنيا هن دورنگي اندر سڏائي يار تو سيڪو
هٽي اڄ نينهن نارو ڪو اڇي نروار ڪاٿي آ

پيارن ڪان پيارا پيي ٿوڙن ٿا پرم اعتبار محبت جو
ڪجي اعتبار اڄ ڪنهن تي رهيو اعتبار ڪاٿي آ

چيو سچ هي سياڻن آ مهر ديدار سان هي ليڪن
ڪري گهر جا وڃي دل ۾ اها گفتار ڪاٿي آ

گهٽا ماڻهو ”شفيق“ هتڙي پيا ڪن پيار جي دعوىٰ
گهوري سر پيار تي چنا جيڪو سو دعويدار ڪاٿي آ

دانهون ڪريان پيو سدائين

منا تو لئي دانهون ڪريان پيو سدائين
ڪري قرب مون تي هلي آءُ او سائين

هتي آءُ لچندو آهيان روز تو لئي
سڄڻ سور وارن ڪي چو تو ستائين

ڏنو رات توکي آهي خواب ۾ مون
نہ پاڪر وجهي پيو تو سيني لڳائين

تنهنجي چاھ چريو ڪيو آ”شفيق“ کي
جهلڪ چو نہ ظاهر تو پيارا پسائين

سنڌ جي ثقافت

الله ڪئي اهڙي عنايت ڏني سنڌ جي ثقافت
ٻڌايو ڪيان مان وضاحت ڏني سنڌ جي ثقافت

امن محبت ڀائيچارو سنڌ جي ثقافت
پلئي پئي ورهاست ڏني سنڌ جي ثقافت

ڪچو ڪاچو شهر واهڻ مان ملي تي
روح کي راحت ڏني سنڌ جي ثقافت

اجرڪ ٽوپي سادي لباس مان ئي
ملي تي پئي شرافت ڏني سنڌ ثقافت

علم سان روشن رکيون اچي پئي
سنڌ کي سلامت ڏني سنڌ ثقافت

هر قوم جي پنهنجي ثقافت سڃاڻپ
پر سنڌ لئي عبادت ڏني سنڌ ثقافت

ملي تو امن جو پيغام امن جي ڌرتي تان
”خليفا“ ملي سعادت ڏني سنڌ جي ثقافت

پيار ۾ پلي تون مون سان وڙهندو ڪر

پيار ۾ پلي تون مون سان وڙهندو ڪر
وڙهي هر هر مون سان يار نهندو ڪر

غمگين دل جا غمخوار دلبر جاني
ملي مون سان وري ملندو ڪر،

جدائي تنهنجي جيء جهوري ٿي
هر هر يار تون موڏي ايندو ڪر

ياد آهين تون هر دم مو کي دلبر
اهڙا ٿڌا ساهه تون نه ڀريندو ڪر

نيٺ ته دل جي دنيا آباد ٿيندي
پيار جو اميدون نه لاهيندو ڪر

”شفيق“ جو ساهه آهي تو ۾ دلبر
”خليفي“ جو ويساهه نه ٽوڙيندو ڪر

پيار ۾ مون کي ستايو آ

جڏهن کان تو پيار ۾ مون کي ستايو آ
تڏهن کان ئي ته مون تو سان نڀايو آ

تنهنجي ملڻ جو انداز نئو ٿو لڳي
تنهنجي هلڻ جو انداز نئو ٿو لڳي
جڏهن کان دل ۾ مونکي رهايو آ
تڏهن کان مون کي خوابن ۾ آيو آ

اکڙين ۾ مان نئو پيار ڏسان ٿو
پيار جو مان اظهار ڪيان ٿو
تو ئي ته مون کي سيکاريو آ
ديدار لئي يار سڪ ستايو آ

خيالن ۾ توسان گڏ گهمان ٿو
هر هنڌ توسان ئي گڏ رهان ٿو
دل جو اڱڻ مون تو لئي سجايو آ
هي وڇوڙو تو ڪيو اجايو آ

پيار جي ڳالھ ڪيئن لڪايان
چا مان پنھنجو گھر نہ سجايان
اھو وعدو مون تو سان ڪيو ا
نيائڻ لئي مون اھو قسم کنيو آ

”خليفي“ کي تو انتظار ڪرايو آ
تنھنجي مون کي سڪ ستايو آ
تو حقيقت ڪان اجايو تتايو آ
تو اجايو مونکان منھنڙو مٽايو آ

تنھنجو پچن تا

رات جو ستارا تنھنجو پچن تا
ڏينھن جو چارا تنھنجو پچن تا

ڊسمبر تو موڪلائي جنوري يار
مونکان بھار وارا تنھنجو پچن تا

ستل سمنڊ جون چوليون اٿن ٿرون
پيار ۾ تہ ھي ڪنارا تنھنجو پچن تا

سيني موسمن سوال جواب ڪيا
چارئي طرف جا نظارا تنھنجو پچن تا

عاشقن معشوقن جو چا تا پچو
يار جيء جيارا تنھنجو پچن تا

ڪتابن ۾ ساراھ لڪان تنھنجي
شعر شان وارا تنھنجو پچن تا

دل ۾ توکي لڪائي رکان ”خليفا“
دل جا پيي چارا تنھنجو پچن تا

اشعار

تون اچين پيو مان وڃان پيو
خليفي سان رڳو ڪوڙا وعدا
تڏهن تہ پيار ۾ رهجان پيو

تنهنجي دل ۾ غلفت نہ ڪر
تہ مونکي توڪان نفرت آ
جي دين اوهان جو دولت آ
تہ منهنجو مذهب محبت

آءِ لو اونلي يو نو ايني اڌر
چپ ڪر يار نہ چئو فرڌر
خليفو تڏهن خوش ٿيندو
جڏ پيار ۾ پاس ٿيندو آرڊر

تون منهنجو مان تنهنجو
خليفا دشمن نہ رهندو ڪنهنجو

يار سان پيار ڪبو
پيار جو اظهار ڪبو
مگر سنڌ امڙ خاطر شفيق
دشمن تي ڀرپور وار ڪبو

محبت ۾ چيڙاڪ جي ڳالھ ڪجي
برھ واري فيراڪ جي ڳالھ ڪجي
خليفا ڪنهنجي بہ نہ ڳالھ ڪر بس
محبت جي هيراڪ جي ڳالھ ڪجي

پيار جي بي واجبي ڪري ڇڏي وئي
بي وفا ڪوڙن سان مونکي گڏي وئي
خليفي خيال ئي نہ ڪيو خواري جو
چپ چاپ ۾ منهنجي دل ٽوڙي وئي

ڪهڙي قصور ۾ تو مونکي درد ڏنا
ملڻ لئي ڏئي ڇڏيئي بندش جا بنا
خليفو غريب مسڪين آ يار ويچارو
ڪاوڙ ۾ ڦاڙي ڇڏيئي پيار وارا پنا

اسان گهٽين ۾ تنهنجي ڪري رلياسين
ماڻهن جي نظرن ۾ مشڪوڪ ٿياسين
خليفو خوار ٿي ويو تنهنجي ڪري پاڻ ۾
چون پيا پيار جي پانڌيڙي تي ڪلياسين

ديدار لئي سڪ ستايو هليا آياسين
هٿ ملايو نہ ملايو هليا آياسين
خليفي ڪي طاقت ڪهڙي پڇاڻو ڪري
اسان تہ يار نياڻڻ لئي پيا پنڌ ڪندا آياسين

تنهنجي سڪ ستايو تڏ هليا آياسين
دل اندر درد جڳايو تڏ هليا آياسين
پيار ۾ پل ڪيتري بہ دوري ٿئي خليفا
پر سورن ساز وڄايو تڏ هليا آياسين

تنهنجي سڪ ستايو تہ بہ هليا آياسين
نہ دل ۾ رنگ وڄايو تہ بہ هليا آياسين
خليفا پيار جو نمبر پلي مٿائي ڇڏ تون
پر نوان نمبر مٿايو تہ نہ هليا ايندا سين

مونکي تنهنجي دولت ڪان نفرت آ
منهنجي سموري ملڪيت محبت آ
خليفاهي دنيا ڇڏڻ واراچا ڪنٽين ويا
پائين نہ پائين اها اسان جي عبادت آ

چوندا آهن تہ پاءُ ڪان پڙوو منو
تڏهن تہ يار پاءُ آ پاءُ ڪي ڪنو
خليفا چا حال ٿي ويو آ زماني جو
هڪ ڪي پرچاءِ تہ ٻيو بينو آ رنو

اسين محبوب جي عطا جا منتظر
گنهگار آهيون پر شفا جا منتظر

پيار ۾ پيرين پنڌ هليان ايندا سين
وري نہ تو وٽان واپس ويندا سين
چوي خليفو پڪو وعدو آ توسان
نہ بي وفا آهيون نہ بي وفا رهياسين

خيالن ۾ پيو ڪندس تنهنجي زيارت
ائين ئي پيو ڪندس تنهنجي عبادت
دوري ختم ڪر تہ پيار ۾ خليفي ڪي
منٿ ڪري پوءِ ڪيان تنهنجي پارت

اڇو متو اٿو خراب چوندا آھن يار
پر محبوب لئي دل ڪيڏي پئي پار
خليفا وار خالي نہ ڇڏجان پيار ۾

مان تہ متي اسٽيج تي بيٺو آ
تون تہ ھيٺ ڪرسي تي ويٺو آ
محبت جو تاب ڏاڍو تيز تکو آ

پيار جي پگھر ۾ پسين تو
خليفي کي غوري ڏسين تو
تڏھن تہ ڪنڌ ھيٺ ڪري ويٺو آ

ڇا تي پيو يار دل ڏنم توکي
پلا ڪس کھڙي صنم توکي
خليفي سان ڪرڪٽ اجايو آ
سڄي دنيا ڇڏي قبوليم توکي

ڪري وٺ پيار پيارا ڪير نہ ڪندئي پيار پوءِ
وقت گذري ويندئي ڪم ايندئي سينگار پوءِ
خليفا سياڻا چوندا آھن زندگي اٿئي ميدان ۾ گوءِ
جيڪڏھن پوڪٽو اٿئي پوڪ روئجاءِ نہ يار پوءِ

ڳوڙھن جو اڪڙين ۾ طوفان
تڙپي پيو فلسطين جو مسلمان
خليفا نالي وارا جنتي خاموش
انھن کان شرمائي تو پيو حيوان

عربن شان وڃايو ڪري عياش
جاھلن کي کھڙو ايندو ڪياس
غزا جي ٻچڙن جي لڪي ۾ پياس
خليفا ڪري رب ناس دشمنن کي

ڳوڙھن جو اڪڙين ۾ طوفان
اھو آھي فلسطين جو انسان
خليفا نالي وارا جنتي خاموش
انھن کان شرمائي تو پيو حيوان

ھا تو بن تي ويا ھون اڪيلا اڪيلا
راھ محبت ۾ ٿيا ھون اڪيلا اڪيلا
ٻڌو خليفي جي اي پئنچائت وارا
اسان تہ آيا ھون اڪيلا اڪيلا

اسان تہ اڳئي ئي سڙيا پيا ھون
پيار جي بخار ۾ ٻريا پيا ھون
پاڻيءَ جون پنيون ڪھڙيون رڪندوءِ
يار ياد محبت ۾ تہ ٺريا پيا ھون

مليل پيار ۾ گھاءُ جھير نہ نکتو
مرشد سمجھيم پر پير نہ نکتو
ڪوڙو زھر ھو پر ڪير نہ نکتو

آءِ لو يو اونلي يو نو ايني اڏر
چوي تو چپ ڪر تائين فرڏر
خليفو تڏهن خوش ٿي ويندو
جڏهن ملندس پيار ڪرڻ جو آڏر

يار مال ملڪيت ڏنيسين پي جان
شايد پيار تي ناهي تنهنجو ايمان
خليفو تڙپي پيو لڇي پيو تنهنجي لئي
ڏک ڏاڍو آ اجان نہ تو ڇڏين غمان

پيار مان مان رکان تو مڃي تري
هيڏانهن هوڏانهن هو اڇي وري
خليفو پيو بک مري تنهنجي پيار ۾

ڪتاب انسان سان ئي ڳالهائي ٿو
اڻ ڄاڻ کي ئي تہ راه ڏيکاري ٿو
خليفا ڪتاب آئينو آه انسان کي
ٻڌائي ٿو سمجهائي ٿو سيکاري ٿو

پيار ۾ پيو هلي ٿي رشوت
تڏهن وڃي ملي ٿي محبت
خليفا ڏِس کهڙو ٿي زمانو ويو آ
رشوت کانسواءِ نہ ٿي ملي نسبت

محبت ۾ وڏا امتحان آهن سياڻي
خليفا ڪري ٿي ڄاڻي واڻي
چرچا نہ ڪر راڻي غريب سان

مان هاڻي توکان ڪيئن ٿيان يار جدا
سڄو مال ملڪيت ڪيان توتان فدا
خليفا توکان سواءِ دنيا آهي ڄڻ ناهي
مل مل مل مل دل جي آهي اها سدا

توکان مان ڪيئن ٿيان يار جدا
سڄو مال ملڪيت ڪيان توتان فدا

تون ڪاوڙ ڇڏ سگهو ورنہ منا
پيار جو وعدو ڪري ڦر نہ منا
خليفي کي توئي قول اقرار ڏنا
نڀائڻ جي ڪر نہ نہ ڪر نہ منا

ياد ڪندي تہ ياد ڪندو سانءِ
ڪلي ملندي تہ ڪلي ملندو سانءِ
خليفا پيار ۾ نرمي هوندي آهي
ضد ڪندين تہ ضد ڪندو سانءِ

هوءَ تہ خوابن ۾ ايندي ويندي آ
روز روز جهيڙو ئي تہ ڪندي آ
خليفا ٿوري سوچ تہ ڪر يار
سڪ سلامن سان تہ نہ لهندي آ

دل ٿي چوي دلبر جو ديدار ڪريان
سڄي عمر ان جو ئي انتظار ڪريان
خليفي کي اهڙيون خدمتون نصيب
ٿين جو پيار وارن سان پيار ڪريان

من مون سان پرچي پوي خدا ڪري
ٽهيل آهيون ٿورو ڏنڀ پري خدا ڪري
خليفو چو نہ خوشيون ملهائيندو اچي
پيار جون ڳالهيون ڪري خدا ڪري

دل ڏئي دل ڪسي ورتئي ارمان آ
پيار مان موتائي ڏي ان تي ايمان آ
خليفا اهڙا انقلابي آواز تہ نہ ڏي
محبت لئي هتڙي هر ڪو پريشان آ

پلي ڪاوڙيل هج پر ياد تہ ڪر
پيار هوندو آ نج پر ياد تہ ڪر
خليفا ڪان ڪيترو خفا ٿيندي
پيار ڪج پر ياد تہ ڪر

تو چوهريرو ڏنو آ جدائي تي زور
پيار ۾ ڪيم توکي پنهنجو پير
خليفا لک دفعا ڪوششون ڪرين
ڪونہ ڊهڻدو ڏنل پيار جو جهير

اڄ مون کان منهنجو يار رسي ويو
جڻ مون کان سڄو سنسار رسي ويو
خليفا چئو انشاءَ الله ناہ ضرور ٿيندو
پرچنداسين رسنداسين جيئن يار رسي ويو

پيار ۾ ڪيم توکي پنهنجو پير
تو هرپيرو ڏنو آهي جدائي تي زور
خليفا لک دفعا ڪوششون ڪرين
ڪونہ ڊهڻدو ڏنل پيار جو جهير

برابر برابر دل لڳي وئي توسان
هاڻي جدا رهہ نہ تون پي مونکان
خليفا هيءَ خواري ڪرڻ جي عمر آ
ڳالهہ سڏي ڪر پيار تي ويو توسان

روز روز ويڙهين پي مون سان
ها وري نہ ڪري قرين مونکان
ڳالهيون ڪبيون ڳالهن وارن سان
چو تہ خليفا خفا ناهيان توکان

يار ڪي پي ڪاوڙائي چڏئي
بي وفا سان پي گڏائي چڏئي
سنگدل سان نہ تون سينو سهاء
خليفا پاڻ ڪي خوار ڪرائي چڏئي

ڪو ياد ڪري پلي ڪري
ڪو پيار ڪري پلي ڪري
خلفيا ميار ڪنهن ڪي بہ نہ ڏبي
متان انتظار ڪري پلي ڪري

ٽٽل دل کي ھينئن پيي جوڙبو آ
جوڙي ان ۾ پيار جو علم کوڙبو آ
خليفا نئون آھين تڏھن تہ غلطي
ٿو ڪرين نہ تہ ان تان ساھ گھوربو آ

تون ھئينءَ منھنجي پياري گھرواري
تنھنجي وڃڻ ڪانپوءِ ٿي آھي خواري
ھاءِ ھاءِ خليفو ڪيئن وساري تنھنجيون
قرب واريون ڪچھريون او منھنجي پياري

انسان کي انسان جو قدر ڪونھي
مسلمان کي مسلمان جو قدر ڪونھي
خليفا گر پيسو آ تہ عزت ملندي ڪنٿين
ھجين تون حافظ قرآن جو قدر ڪونھي

قرب ڏيندي تہ قرب ڏيندو ساڻءِ
چڙپ ڏيندي تہ ڪونہ سھندو ساڻءِ
خليفا محبت جا ئي تہ طلبگار آھيون
محب محبت ڏيندي تہ ملندو ساڻءِ

ياد رک توکي ھاٽي ياد ڪير ڪندو
وڪري وئين توکي آباد ڪير ڪندو
خليفا محبت جا پيي لاھا چاڙھا ھن
عمر جي لاھيءَ ۾ راند ڪير ڪندو

افسوس پنھنجي اقرار تي ڪريان
يا تو بي وفا جي انڪار تي ڪريان
خليفي ڪان جدا ٿي وئين وري افسوس
ماضي حال جي انتظار تي ڪريان

اميد ھئي خاص پوري نہ ٿي
آسرن ۾ پيي آس پوري نہ ٿي
خليفا انتظار ڪھڙو ڪيون
ھئي باسيل باس پوري نہ ٿي

ڪاوڙيو آھين تہ ناھ ڪريون
ڏندي ڏوھ پيي تا تنھنجو پريون
خليفا فيصلو تي ويو پيار جون
ھنٿون تا ھڪ ٻئي کي ھٿ ڪڙيون

تنھنجون يادون ستائين ٿيون
پيار جون ڳالھيون ٻڌائين ٿيون
خليفي کي ٿڌي ساھ جون آنھون
ھر ھر ناھ ڪرڻ لئي ستائين ٿيون

تون ٻڌين نہ ٻڌين مان تہ ٻڌايان ٿو
پيار ڪرين نہ ڪرين مان ڪريان ٿو
خليفا بي وفا کي وفادار ڪرڻ لئي مان
روز روز پير تي وڃين پاسون پاسيان ٿو

توکي گر نہ پکاريان تہ پوءِ پيار جو ساز ڇيڙيندو ڪير
توکي گر نہ ساريان تہ پوءِ محبت کي ميڙيندو ڪير
خليفا پرينءَ جا ڏنل سور سوکڙيون سمجھ ساريون
مان کي گر نہ ماريان تہ پوءِ گاڏو گيڙيندو ڪير

غريبن جو قدر ڪرڻ وارو ڪو ڪو
غريبن کي هٿڙي ٻڌڻ وارو ڪو ڪو
خليفا پوءِ تون ڪيئن ڪرين ٿو پيو
پيار ۾ پنهنجي جگر جاني کي نو نو

بجلي ۽ يار جي اچڻ تي وڃڻ تي
يار ۽ ٻار جي رسڻ تي پرچڻ تي
ساوڻين جي برسات جي وسڻ تي
شفيق جي شعر لکڻ تي اعتبار ڪجي؟

پيار جو صدمو وڇوڙو هوندو آهي
ڏاڍو ڏکيو مقدمو وڇوڙو هوندو آهي
خليفا ڪورٽ جج وڪيل يار آ پاڻ
ها يا نہ جو مندو وڇوڙو هوندو آهي

رشوت وٺي پرائو حق کائڻ ڇڏ
قبر مٿان تون پنهنجو گھر نہ اڏ
خليفا محشر ۾ پهچڻ کان اڳ ئي
قبر ۾ نکري ويندئي مغز مان تڏ

جيڪو ٿيو سو ماضي ٿيو
ٿوري گھٽي تي راضي ٿيو
خليفا غريبن جو حق نہ کائو
عدل انصاف سان قاضي ٿيو

اسان تہ تنهنجي پيار جا آهيو قيدي
تنهنجي منهنجي ناھ جي گھڙي ايندين
خليفا يارن سان کهڙا ليکا رڳو ها ڪري

تون محبت ڪرين نہ ڪرين مان محبت ڪريان ٿو
دنيا سڙي تہ پلي سڙي پر مان تہ همت ڪريان ٿو

اوهان جي مٿان رحم جو مينهن اٿو
دوستو اسان ڪان پيي حال احوال وٺو
خليفا اسان تہ يار اڪيلا آهيون خبر
ناهي هٿن جي لڪير ۾ آ ڪير بيٺو

پيار جي قيدي جو ڇا حال هوندو
ڪيڏو نہ بي چين بي حال هوندو
خليفا ملاقات لاءِ سڀ دوست اچن
پر هو نہ اچي ڪيڏو نہ خال هوندو

ڳالھ ڪر دردن جي دوا آهين
يا ٿيو مون ڪان پيي خفا آهين
خليفي کي ڪولي ٻڌاءِ سڄڻ
وفادار آهين يا بي وفا آهين

تو بنا منهنجي نہ تي سري احساس تہ ڪر
دل ديدار بنا پئي تي سڙي احساس تہ ڪر
اهڙي ڪئي آ تو ٻئي ڪي جرئت نہ ٿيندي
خليفو روز روز تو لئہ مري احساس تہ ڪر

اچو تہ گڏجي يار سڀ دعا ڪريون
ختم خطائن جي بلند سدا ڪريون
خليفا ڪي يقين آ پرچي پوندو ضرور
پرين پيارو آ اسان پي تہ حق ادا ڪريون

ڏسو تہ يار صفا حد ڪري ڇڏيئين
ديدار جا در پي بند ڪري ڇڏيئين
خليفي تي الائي ڪهڙي ڪاوڙ اٿس
نہ دعا سلام نمبر پي بند ڪري ڇڏيئين

نيٺ عاشق دلبر جي اسپتال ۾ پهتو
يار هيو پيار جو بيمار پر بيحال پهتو
خليفا تکي ڦوتي اصلي اثر ڏيکاريو
خوش ٿي ويو جڏ يار پڇڻ حال پهتو

دلبر مون کان ڇو تو منهنڙو لڪائين
روز روز مون مسڪين کي تو سڪائين
خليفي جو قصور ڪهڙو آ ديدار لئي هر
هيڏي تو پڄائين هر هوڏي تو پڄائين

اجنبي سان محبت ڪري ڏس
اڻواقف سان محبت ڪري ڏس
خليفا عشق ناهي راند دل وندرائجي
ڪيترا وسوارا پي هيان بي وس

ڏينهن اڳ تو وٺ يار مصري هياسين
هاڻي اجنبين وانگر وسري وياسين
خليفا محبت جي امتحان کان اڳ ئي
انتظار جي الزام ۾ گرفتار ٿي وياسين

دنيا آخرت سنوارڻ چاهين تو تہ نماز پڙهہ
منزل تي پهچڻ تو چاهين تہ توحيد ۾ ڪڙهہ
خليفا الحمد تہ نهيو پڙهڻ ڪلمو نہ تو اچي
دعوىٰ ڪري ٿو تہ جنت جي چاڙهي هيئن چڙهہ

دنيا آخرت سنوارڻ چاهين تو تہ ٿيء علم خليل
استاد منزل تي پهچائيندڙ رستو آ پڪو اٿئي دليل
چاهين تو تہ ٻچا پڙهن تہ قوم جا ٻچا پڙهاء شفيق
پوءِ تون معاشري جو آهين ضامن ۽ بهتر وڪيل

دل تي چوي دلبر تنهنجو ديدار ڪريان
چو پاڻ کي پرين پري رکي لاچار ڪريان
خليفا گڏجي زندگي گذاريون تون ۽ مان
روز روز پيو تو تنهنجو انتظار ڪريان

تون نہ تو پائين تنھنجي مرضي
مان پايان توکي منھنجي مرضي
خلفيا ميارن کي چڏ ٿورو سمجھ!
پيار ۾ ھلندي آ ڪنھنجي مرضي؟

منھنجي نظر ۾ آھي تہ وڏي سياڻي
ڏسي مونکي ٿي وڃي ٿي پاڻي پاڻي
خليفا ڏس تہ صحيح ايڏي پڪائي
خبر ھوندي پيي ٿي وڃي ٿي اياڻي

توکي چوانءِ ٿو روز روز نہ رو منا
مون پيار ۾ ڳوڙھا وھندي ڏٺا
اسان تہ پيا ھون ڪنا تنھنجي محبت ۾

پيار ۾ ڪاوڙجي ٿو تہ بس ڪئي
انتظار ۾ آزمائجي ٿو تہ بس ڪئي
خلفيا بي وس بار اٿن پيي چڙيان آھن
اسان جي ڪري مارجي ٿو تہ بس ڪئي

ميار نہ ڏجو اسان نہ ٻڌي عيد مبارڪ
دوستو وڏي واقعي چئي عيد مبارڪ
خليفا اسين سڀ تنھنجا شاھد آھيون
متان ميار ملي تو نہ چئي عيد مبارڪ

دوستن کي عيد مبارڪون
دل وارن کي عيد مبارڪون
خليفا جيڪي چاھن نہ چاھن

انھن پيارن کي عيد مبارڪون

دلبر ڏي ڪا دلداري
خوشخبري پيار واري
خليفا انتظار ختم ٿين
ڏي عيد مبارڪ پياري

ڪري تصوير پيي تصور ۾ ھڪ سوال ٿي
ويچاري عاشق جو حال پيي بي حال ٿي
خليفا ڏرتتيءِ ۾ ويچارو پگھر ۾ شل ھو
جھلڪ ڏسڻ لئي پريشان جو ھي حال ٿي

يار بي دردي سان ائين نہ مار تون
جدائيءَ جي باھ ۾ نہ گھٽو ساڙ تون
خليفا روز انگلن سان ناز نخرا ٽيندا
ھمٿ نہ ھار منزل توري آ پوءِ پار تون

ڪال تي نمبر بزي ٻڌائي ٿو روز
ميسيج منٿ جو ڪريان ٿو روز
خليفي سان ھاڻي پرچي پئہ من
اٿي آڌي رات جو سڏيان ٿو روز

ڏاڍا ڏکيا لمحا ھوندا آھن انتظار جا
ذھن ۾ پيا ڦرندا آھن خيال پيار جا
خليفا جيڪڏھن محبوب ھجي سنگدل
پوءِ روز روز پگھر وھندا آھن يار جا

روز روز رهان تو تنهنجي انتظار ۾
توکان سوا اڪيلو آهيان هن سنسار ۾
خليفا چا ٿي ويو ٿئي يار ڪنهنجي
ڪري سجو ڏينهن رهي ٿو خمار ۾

روز روز خوابن ۾ اچين ٿو
ناز نخرن مان ڪلي مچين ٿو
خليفي ڪي اي سنگدل هٿ اچ
ڏسون ته پوءِ ڪيئن نچين ٿو

منهن موڙي دردن جو بند ٽوري
دل اندر محبت جو پيو علم ڪوڙي
خليفي ڪي ته صفا چڙيئي ٽوڙي
پيار ۾ بوڙي وڌئي هن غريب کي

گهر ۾ وينا هون صفا واندا
دل لڳي پئي آهي صفا ٿاندا
خليفا پيار جون ڳالهيون نه ڪر
ڪڏي نه وجهين ڪنهنجا آندا

شاعري ۾ پيغام پهچائجي
دل نه ڪنهنجي رنجائجي
خليفو صفا فقير ماڻهو آهي
پيار ۾ فقيرن سان نه ڦتائجي

ڪاوڙ چڙ قسم آهي توکي تنهنجو
يار صفا ساهه وجي ٿو پيو منهنجو
پيار جو جهيڙو آ نه وجي ڪنهنجو
مسئلو آ ان جو منهنجو خليفي سان

تون پلي دلربا نه ڳالهاءِ مونسان
پر دل ته آهي يار منهنجي توسان
خليفا تاريخ ڳڏي لکندي افسانن ۾
قصن ۾ پيار وارن ڪي اسان سان

يار سامهون اچان پيار نه ٿي پوي
پيار ۾ ڪو متان بيمار نه ٿي پوي
خليفا ٻن هن لئي وڏو امتحان آهي
عشق جي ڪاپي ۾ خوار نه ٿي پوي
منهن موڙي وڌئي لاڙي
چپ چوري وڌئي ڪوري
من مڙيو ته جيءُ جهوريو
هاڻي شفيق ڏي اچ اوري

ها اڪيلا هجون تون ۽ مان
اصلي مان نه موڪلايان توکان
خليفا ڪيل وعدن اقرارن سان
عبادت ۾ رات گذاريان تو سان

بين جي چوڻ تي تو پيار جو اظهار نہ ڪيو
تي فقير در آياسين خيرات ۾ پي پيار نہ ڏنو
خلفيا پيار جا پيچرا ڏکن سان پريان پيا آهن
قسمت واري کي ملندو آهي ڪاميابي جو پنو

جيڪو ماڻهن جي چوڻ تي هلي ماڻهون چئبو
فيصلو پنهنجو پاڻ نہ ڪرڻ اچي ماڻهون چئبو
خليفا زمانو آ هر ڪو پنهنجون ڳالهيون ڪندو
ٻڌي سڌي ڳالهين تي بينو نچي ماڻهون چئبو

بين جي چوڻ تي پاڻ ڇڏي ويا انهن جو موٽڻ مشڪل آ
جيڪي پيار جا وعدا ڪري ويا انهن کي ڇڏڻ مشڪل آ
خليفا ڪرين پيار تو وري تئين ڪنن جو ڪچو حيف تئي
يار تاريخ ٻڌايو آهي تہ پيار وارن جو پيار مرڻ مشڪل آ

دل چوي تي يار محبت محبت
زبان چوي تي يار نفرت نفرت
خلفيا ڏسي بي رکي تنهنجي پوءِ
پي نہ ٽوڙيندس نسبت نسبت

محبوب پي ڪنيون وينا آهن هٿ ۾ پيد
مطالبو ڪن ٽا وڌايو خرچ جي بجيٽ
نہ تي ملي سرخي نہ ڪوڙي ڪاس ميٽ
چا ڪريون مهانگائي وڌي تي وئي آهي
يار خليفا هاٽي ڪيئن ٽيندو ڪم سيٽ

خبر نہ پچ محبت ڏاڍي مني آ
تڏهن تہ اسان جي دل ڪني آ
خليفا يارن سان يار کهڙا ليڪا
هجن شال حيات يار دعا سني آ

محبت ۾ وچوڙو صدمو آهي
بيقرار کي قرار جو اڏمو آهي
خليفا تر جي گتي جو پي
هلندو محبوب وٽ مقدمو آهي

امڙ لڱندي آهي مني ڏاڍي هوندي آهي سني
بابو ماري پچ امان ڏي امان اک ڪنٽي ڏني
خليفا بابي پي پنهنجي کاوڙ ڪنٽي ڪني
امان مني سالگِره جون واڌايون قبول ڪر

منهنجا جگر جاني ڪاءُ اچي مهماني
خليفي لئي تي وجي ديدار جي آساني

محبت ماکي کان وڌيڪ مني آ
تڏهن تہ دلين ۾ ٽيندي ڪني آ
خليفا محبت اهو لال آ اميرن ۾
نہ مون غريب مسڪين ۾ ڏني آ

نہ هڻ پرائي دل کي محبت وارو پتر
پيار جي بدلي ۾ وري تون گهرين اتر
خليفا انسانيت سان محبت ڪر پوءِ
توکي ملندو دنيا ۾ ڏه آخرت ۾ ستر

چوندا آهن تہ آنهن غريبا قهر خدائي
پوءِ چو تا کيو عاشقن سان جدائي
خليفا توبهہ کر ۽ استغفار گهٽي پڙهہ
نہ رک کنهن لاءِ تون پي دل ۾ مدائي

چوندا آهن تہ دل نہ ٿئي پٿر ٿئي
ناکام عاشق لئي پيار چٽر ٿئي
خليفا جيکڏهن محبوب بي وفا ٿي
وجي تہ سمجهہ خوفناڪ اوتر ٿئي

کجهہ احساس کر کجهہ احساس کر
ختم انتظار کر پوري منهنجي آس کر
خليفو تڙپي پيو تنهنجي لئي روز روز يار
پاڻ کان نہ ڌار کر احسان کو خاص کر

ڏسو تہ صحيح محبوب کيڏو نہ پکو آ
مون کي ان سان ملڻ جو انتظار يکو آ
خليفو ان جي پيار ۾ مجنونِ ٿي ويو آ پر
چوي ٿو تو چڏيو تہ اهو مون سان ڌوکو آ

دلبر بي فکر ٿي توسان پيار ساڳيو ا
پيار وارو ذکر ٿي توسان پيار ساڳيو آ
خليفي جي ڳالهين کي چڏ تون منهنجو
دل وارو دلبر ٿي تون سان پيار ساڳيو آ

دعا کريو يار منهنجي دلبر کي
شاباس آهي منهنجي صبر کي

روز تکيان راهون

خليفي کي تون قبول آهين يار
پيار سچو آ چڏ کوڙي خبر کي

عشق ۾ مجنون کي ماٿهو چريو چون تا
صدمي جون ڳالهيون نہ کريو چون تا
خليفا پيار محبت جو راز نہ رکي جاٽي
محبوب بہ انهيءَ کي متي ڦريو چون تا

اسان جي پيار کرڻ تي سڙين ٿو
مسکين سان پي حسد کرين ٿو
خليفي کي خدا ملائيندو پرين سان
سيني سان گڏجي آمين چوين ٿو

محبوب پي کن تا ظلم
دل مچائي پئي ان لاءِ کلم
خليفا چاکجي بي وفا کي
شايد پيار جو نہ اٿس علم

مان وٽان نہ وٽان تون تہ وٽين ٿو
ٻڌي لوک دانهون تون نہ ٻڌين ٿو
خليفا سنگدل سان نہ سينو سهاءِ
ٻڌي نہ ٿو تہ جو ارمان کرين ٿو

زندگيءَ جو درد انتظار آهي
انهيءَ کي تہ چئبو پيار آهي
خليفا هک کي انتظار ٻئي کي
ناهہ پرواهہ انهيءَ کي چئبو يار آهي

او منهنجي پياري تنهنجو ڏاڍو ارمان آ
هي دنيا فاني آ هر ڪو هتڙي مهمان آ
خليفا جڏ ياد اچي ٿي اها خوبصورت
دلڙي بس ڇا چوان هوءَ منهنجي ميزبان آ

محبت ۾ وڏا انتظار ٿيندا آهن
جهٽڪا دل کي وڏا ايندا آهن
خليفا قسمت ساٿ ڏنو ته پوءِ
دشمنن جا سيل سڙي ويندا آهن

ڏيڻ لئي اسان وٽ دل آهي
شايد محبوبن وٽ عدل ناهي
خليفو غريب مسڪين وٽ
صرف محبت آهي ٻيو ڇاهي

يار نه ملي نه ملي مون کي
هاڻي ميار ناهي ڏيٽي ان کي
خليفا محبت ۾ لاها چاڙها ٿيندا
آهن پر ڏاڍي تڪڙ آهي توکي

بي رکي نا اميد ڪري ٿي
پر دل اجان اميد رکي ٿي
خليفي کي اعتبار ناهي روز
پنهنجي پيار ۾ قيد رکي ٿي

تون مننار آهين يا غمخوار آهين
خبر نه ٿي پوي ڪو دلدار آهين
خليفي کي ايترو چو تو ستائين
دلبر تون ته ماٺهو مٽيادار آهين

پيرن هينان ڌرتي نڪري وئي
دل هٿن مان ڇڻ ڪسڪي وئي
نصيبن ۾ ناهي تڏ سرڪي وئي
خليفا ديدار نه ٿيو ته سمجهه
انتظار نه ڪر محبت ڏڪي وئي

پيار ۾ لوڊشيڊنگ درست ناهي
روز روز نئون رنگ درست ناهي
خليفو ويچارو فقير ماٺهو آهي
ان لئي ڪيڻ ڍنگ درست ناهي

اکڙين جي ڪيميرا ۾ تنهنجي تصوير
دل ڪري ڇڏو ان کي منهنجي تصوير
خليفا هاڻي محبت ۾ فالٽ اچي وجي ٿو
جيڪڏهن ڏسي ٿي ٻئي ڪنهنجي تصوير

محبتن ڪڏهن ڪاوڙ سکي ناهي
اهو لکيل عشق جي ڪتاب ۾ آهي
خليفا پڙهه ڪڙهه عشق جي ڀني ۾
باهه تي ٻيهي ياد ڪرڻ وارو نصاب آهي

دل پڇيو مون کان ھوءَ کھڙي آ
مون چيو ھوبھو ھوءَ تو جھڙي آ
خليفو کونہ وساريندو توکي پر
پسي تصوير تنھنجي شرمايو پري آ

دردن ڏکن مونکي جھوري وڌو
سھڻا تو پي مونکي ٽوڙي وڌو
خليفي کي ديدار نصيب نہ ٿيو
جدائيءَ پي مون کي نھوڙي وڌو

محبتن کڏھن کاوڙ سکي ناھي
اھو لکيل عشق جي کتاب ۾ آھي
خليفا پڙھ کڙھ عشق جي پني ۾
باھ تي بيھي ياد کرڻ نصاب ۾ آھي

تنھنجي عشق ۾ خوار ٿياسين
چڻ موت تي يار سوار ٿياسين
خليفا عشق جون چاڙھيون چڙھ
مجازي کان حقيقت ۾ پار ٿياسين

لک لکوٽيءَ ۾ تو لکايو آ
دل منھنجي کي تو تڙپايو آ
خليفي کي بڌ تہ بڌايانءَ سور
تنھنجي منھنجي محبت سرمايو ا

اسان جي محبت جو توکي فکر کونھي
تنھنجي زبان تي اسان جو ذکر کونھي

خليفا فکر کرڻ ڇڏ الوداع کر جاني
ھي محبت آھي کنھن مکار مکر کونھي

تنھنجي لئي خوشيون کوڙ
اسان سان رڳو رابطو نہ ٽوڙ
خليفا روز درشن جي ضرورت آ
نيٺ تہ ايندو ملڻ جو پي موڙ

سھڻا نہ تو کرين اسان کي سلام
پلي نہ کر تون اسان سان کلام
خليفو تہ آھي تنھنجو پيار ۾ غلام
ڏي اھڙو انعام ڏک لھي وڃن دل جا
افسوس منھنجي دل ٽوڙي ڇڏيئي
بيکار سمجھي دل مروڙي ڇڏيئي
خليفو پي ڏسندو رھيو اھو نظارو
پنھنجي ھٿن سان دل لوڙھي ڇڏيئي

ياالله ماريس يا مڃائينس
يا مون اڳيان جھکائيس
خليفا اھو ٻيا چئي ويا آھن
تون پنھنجي پيار ۾ مڃائينس

اھا وڏي بي واجبي آ
ديدار کرڻ واجبي ا
دلبر انتظار نہ کراءِ
خليفي کي وڏي بي تابي آ

زندگيءَ ۾ ڪڏهن شڪست نہ ملي
افسوس جو تنهنجي محبت نہ ملي
خليفا هي امتحان پاس ڪرڻو آهي
ناپاس ڪي ڪڏهن پيي عزت نہ ملي

وري گهر منهنجي جي آبادي ٿي وئي
مبارڪ ڏيو منهنجي شادي ٿي وئي
خليفو سڏي ڏئي پيو دلبر دل افسوس
تو نہ ورتي تنهنجي بربادي ٿي وئي

سادو سمجهي دل ڦريون ٿو وڃين
ڇو يار بي واجبي ڪيون ٿو وڃين
خليفي کي غريب مسڪين سمجهي
محبت ۾ اڪيلو ڪري روليون ٿو وڃين

محبوب هجي سامهون
پوءِ وينو هڻان هامهون
خليفي جون هجن ٽاڏون
ان جي آڏون خوش ٿي ڪلي

محبت پيي گهري ٿي پيسا
صحبت پيي گهر ٿي پيسا
خليفا قيامت اچي وئي آ
عبادت پيي گهري ٿي پيسا

روز روز ڪن ٿا محبوب هڙتال
عاشق ويچارا ٿي ويا بي حال
خليفا تنهنجي جوس چا ٿيندو
ورتي پورو ٿي ويو اٽس سال

روز روز انتظار ڪريان تنهنجو
توکان سواءِ ساهه وڃي منهنجو
خليفي کي پيي ايڏو نہ تڙپاء هاڻي
يار اهو سڄو قصور آهي دل جو

دردن ڏکن مونکي جهوري وڌو
سهڻا تو پيي مونکي ٽوڙي وڌو
خليفي کي ديدار نصيب نہ ٿيو
جدائيءَ پيي مونکي ٻوڙي وڌو

جڏ پرين ڪنن تي پوي ٿو تنهنجو آواز
اسان جي محبت جو ڇڙي پوي ٿو ساز
خليفو موجن ۾ اچي ڪري پيو تو تي ناز
پيار جو راز ملندو ڪنهن نصيبن واري کي

جنهن سان محبت ڪيم اهو نياڳو نڪتو
جنهنکي جيءُ جيءُ نہ چيم اهو سياڳو نڪتو
خليفي جي خدمت ڪرڻ وارا شل آباد هجين
محبت پڪي نڪتي ٻيو ڪچو ڏاڳو نڪتو

هن دور جا وڏا ظالم محبوب آهن
پيسن کان سواءِ هي کنهنجا ناهن
يار خلفيا لهه ميدان ۾ ته خبر پوئي
هر وقت کوٽي کوٽي کري پيا دانهن

جهريل دل سان کهڙيون عيدون ملهايون
تو بن سنيون ڳالهيون پيي نه تيون لڳن سنيون
عيد مبارک ڏنائين ته عيد مبارکون ڏبيون
نه ته خليفي جي معذرت قبول کر موٽائي ڏي منيون

کا زال سگهڙ پيي تيندي آ
کا زال سياڳي پيي تيندي آ
خليفا اهو مقابلو نه کر يار
کا زال نياڳي پيي تيندي آ

دل جي آواز سان آ لو چيائينس
دل جو مرشد مجيائينس نه مجيائينس
خليفي چيو رب ماريس يا مجائينس
اهڙو پٽيائينس سائي نه تيندي دنيا ۾

پيار جي چونڊڻين هٽين وئي
زوريءَ دل منهنجي کٽين وئي
خليفوتکيندو رهيو هجي ويو
واه جو يار دل کي وٽين وئي

ديدار کريان من ضد تان لهي وجين
پيار کريان من ضد تان لهي وجين
خليفو وينو سوچي پيو ته پيار جو
اظهار کريان من ضد تان لهي وجين

اڻ پوري محبت کي مون سان نه پيٽ
ڏسجان کيئن کامياب تيندس نيٽ
خليفي کڏهن شکست نه کاڌي آهي
قسمت ساٿ ڏنو ته تو وٽ ايندس نيٽ

منهنجي محبت ۾ ماڌاڻ وڌو تئي
منهنجي عبادت ۾ ماڌاڻ وڌو تئي
خليفو شکايت کيئن کري اڻ پوري
ديدار جي عادت ۾ ماڌاڻ وڌو تئي

الله قسم کٽين چوي تو مون انسان سهڻو خلقيو
تون ناراض تي وئين مون يارجو تورو سور سليو
هيکاندان الزام هنٽين چڏيئي ويچاري خليفي تي
يلا اسان پاڻ ۾ نهي وجئو ته پوءِ توکي چا مليو

محبت جون ڳالهيون کرڻ شاعر لئي اعزاز آهي
کنهنجي ياد ۾ شعر لکڻ شاعر لئي اعزاز آهي
خليفا هي پيار جو پيغام امن جو پيغام عام کر
پيار ۾ کنهن ناراض کي پرچائڻ شاعر لئي اعزاز آهي

جڏهن ڪان ٿيو ناراض آهين
تڏهن ڪان ٿيا پريشان آهيون
خطا ٿي هوندي انسان آهيون
معافي ڏي چو تہ ميزبان آهيون

پرين نہ ڪر تون ايڏو غرور
وڃائين ٿو اسان جو سرور
خليفا پيار ۾ پاڻ کي پروڙ
ٻڌندو دانهن ضرور پرديسيءَ جي

مان آهيان محبوب جو قرضي
هاڻي هلي ٿي ان جي مرضي
خليفي جي واڳ آ ان جي هٿ
ٻئي جي قبول نہ ڪبي عرضي

ٻيا ڪم ڇڏ ظالم اهو تون ٻڌائيندي
تو ڪڏ ڏنو ڏيئرن کي ناراض ٿيندي
خليفو چوي لعنت ٿئي پيءُ چوندي
اهڙو قهر ڪندي موت نہ آيو توکي

حڪم مليو آ انتظار جو
هاڻي چا ٿيندو بيقرار جو
بيقرار کي انتظار پيار جو
بس آرڊر مجٽو پيو يار جو

مان محبوب جي عشق ۾ قاتل
محبوب وري ايزي لوڊ ۾ قاتل
خليفا اهڙا تہ ڪوڙ عاشق آهن
جيڪي فيس بوڪ جا سٽيل

ياد تنهنجي مونکي روئاري ٿي
دنيا جون خوشيون وساري ٿي
چا ڪجي خليفا دنيا فاني آهي
دل پي توکي هر هر ساري ٿي

او منهنجا دلبر جاني ڪر مهرباني
سحري نہ تو ڪرائين تہ ڪراءِ افطاري
خليفي کي آهي تنهنجي سڪ ستايو
دعوت ڏين نہ ڏين اسان جي اٿئي تياري

چمچن ملڪ وڃايو چمچاگيري ۾
چمچن جي زندگي سدائين خواري ۾
خليفي جو نيمڪ ڪائين ڳلا تو ڪرين
اهڙو بي نيمڪو ايندو ڪنهنجي واري ۾

منهنجو صنم مونکي ملي ويو
ڇڻ نئون جنم مونکي ملي ويو
خليفي جو تہ دشمن جلي ويو
زندگيءَ کي آب حيات ملي ويو

دل هئي دردن جي ماري
واهه جي تو آ يار جياري
خليفي جا پاڳ پلا ٿيندا
جڏ ملي وئيندي اها پياري

نہ ڪيو ڪنهنجي ايتري گلا
گلا ۾ پجين چڏيان اتو دلا
خليفو جا چوي توهان کي
چو تا پڙڪايو ڪنهنجي خلاف الا

شادي جي انتظار ۾ پيي مون سجي عمر گذاري
نہ هن سات ڏنو نہ هن سات ڏنو مون عمر ساڙي
شعريت موجب جي مون نڪاح ڪيو شفيق سان
پوءِ چو تو مارين مونکي الزام ڏئي ڪارو ڪاري

صدمن ساٽو ڪيو آ
تڏهن يار پراٽو ڪيو آ
خليفا اتڪل نہ ڪر
تو يار سياٽو ڪيو آ

منهنجا سهٽا پيارا دل وارا عيد مبارڪ
جيءَ جيارا جان کان پيارا عيد مبارڪ
ڪيڏو نہ سهٽو لڳين تو نون ڪپڙن ۾ شفيق
ڪيئن نہ هرڪجي پون مون پارا عيد مبارڪ

جواني ۽ بزرگي جي وچ ۾ لٽڪيل آهيون
عمر جي حد نہ پچ جواني جا ڪڙيل آهيون
دنيا جا تہ درد سور ڏک ڏاڍا وڏا اٿئي شفيق
خبرون نہ پچ اي نوجوان پيارجاتہ سڙيل آهيون

پرين تون ڪاوڙجي وئين اسان بہ چڏيو تنهنجو انتظار
سجڻ ڪوڪو هو تنهنجو منهنجو دشمن هو هرڪو يار
شفيق توکي دل جي گهراين سان عيد مبارڪ ڏئي تو
قبول ڪر يار پيار ۾ مان پيي توکي ڏيان ڪهڙي معيار

عشق ۾ ستيل ۽ منهن جا متيل
دلين جا پٽيل ۽ نيتن جا ڪٽل
خليفا ڪڏهن بہ برابر نہ ٿيندا
چو تہ اهي آهن ازل کان اٽڪيل

مان ڏسان هو نہ ڏسي اهو ٿي نہ تو سگهي
پيار ۾ دل نہ ڌڙڪي اهو ٿي نہ تو سگهي
خليفا معشوق ٿيڻ سولو عاشق ٿيڻ ڏکيو
امتحان متان امتحان نہ اچي اهو ٿي نہ تو سگهي

واٽ ويندي مون يار جي ياد کان پاڻ تٽايو
پر سامهون ايندي ڏنم هجوم ڏيان هٽايو
خليفي کي ايندي ڏسي مون وري رک متايو
پر قسمت ڦٽايو اهڙو موقعو ملندو الائي ڪڏهن

اڄ وري يار جي ياد ستايو
خيالن ۾ ڳٽتيءَ ڪوڙ ڳاريو
خليفي کي تو انتظار ڪرايو
ملڻ جو هٿ ملايو هو واعدو ڪري

ناهي رهيو يار سان پي ناهه
او رب هاڻي ڪييس ساهه
خليفي کي ڪري تو پريشان
گهمي نہ اڳيان ڪييس لاهه

الاهي ٻڌ دعا جيڪو اسان سان نہ تو نهي
اهو هن دنيا ۾ ڏهي ضرورت ناهي خليفي کي

تنهنجي حسن تي آهيان حيران
روز ديدار لئہ آهيان پريشان
ڪري قرب تي اڄ مرشد مهمان
چنو مريد تنهنجو ٿئي ميزبان

ڪهڙا ڪهڙا دوست دعوت وليما ۾ ايندا
هارن ساڻ يار هڪ دلبرجو پيو هوندو هار
خليفو پيو چٽ پٽي طعام تيار ڪرائيندو
دوست پلي تياري ڪري چڙيو ملي ويو يار

بس هاڻي ڪبو نئو يار
منهنجا پيو ٽيندا ٻيڙا پار
خليفا اعلان ڪري تہ مقرر
ڪيان روح رهاڻ جو وار

او پيارا رب جگر جان جي پارت ٿئي
عرض اهو منهنجو ساڳيو زيارت ٿئي
خليفو ويچارو اڪيلو پريشان ٿئي
مونکي ان سان ملاء منهنجي اجازت ٿئي

تون ئي مرشد آهين مان مريد
تنهنجو ديدارآهي منهنجي عيد
خليفو روز خوشيون ملهائيندو
جڏ پوري ٿيندي دل جي اميد

تنهنجي حسن تي آهيان حيران
روز روز ديدار لئي آهيان پريشان
خليفي وٽ تي اڄ مرشد مهمان
ٿئي مريد تنهنجو ميزبان دلبر جاني

نہ مال نہ دولت بس تنهنجي دل اندر منهنجو گهر هجي
نہ ڏک نہ درد پيار تنهنجو پيو وندر منهنجو گهر هجي
خليفي کي روز روز ديدار لئي ستائي پيو چو تو يار
تنهنجي محبت ۾ دلي سڪون جو در منهنجو گهر هجي

هو ڏسو آهي ميوزيڪل چيئر
گهٽڻ جا ڪيي چڙيائين ٽيئر
خليفا ڪرسي وارو ڪم هاڻي
سفارش ڪانسواءِ نہ ٿيندو فيئر

چو ديدار ڪيو اٿئي مهانگو
جڏ رات جو بانگ ڏئي تو بانگو
خليفو نڪري پيو تنهنجي لئي
مجنون وانگي لاهي سرجو سانگو

او منهنجا سهڻا دلبر جاني
تو ڪان سواءِ ناهي رهي آساني
خليفو روزا رکي پيو تو جلد مل تہ
سحري افطاري جي گڏجي ڪائون ماني

محبوب اهو آهي تنهنجو شان
مسڪرائي ڏين تو مونکي مان
خليفي جو تہ اهو آهي ايمان
توڪان سواءِ پريشان آهيون جهان ۾

اسان تہ آهيون تنهنجي پيار جا قيدي
پلي تون سزا ڏين تہ ڏي پي سزا ابدي
خليفي کي پلي ڌمڪيون ملن پر پڪ آ
پيار جي ڪال ڪونڙي ۾ اچي پاڻ ملندي

رب پاڪ طرفان پيو وڏو امتحان اچي ويو آهي
ڪرونا وبا جي مصيبت ۾ انسان اچي ويو آهي
هن ڏک ۾ صبر ۽ نماز ڪان ڪم وٺ تون بہ شفيق
صراط مستقيم وارو رستو پي قرآن اچي ويو آهي

مون کي محبت واري جيل مان آزاد ٿيڻو ناهي
ڪيس تنهنجي عدالت ۾ اڳي ئي پيش ٿيل آهي
خليفا ڪيس بيان ڪر نہ تہ فيصلو محفوظ آهي
سزا پي محبت جي ڦاهي يا عمر قيد رٿيل آهي

منهنجو جيل تنهنجي جدائي آهي
انشاءالله جدائي پي سدائين ناهي
خليفا زليخا ڌمڪايو يوسف کي پر
آخر مليا انهيءَ کي چئبو خدائي آهي

پرچائڻ مان ڪهڙو فائدو
ورجائڻ مان ڪهڙو فائدو
خليفا محبت ڪرڻي آ تہ پوءِ
تڙپائڻ مان ڪهڙو فائدو

ڏسو مون ڪان زوريءَ دل ڦري ويو
چور ڏاڙيلن کي پي يار ماري ويو
هاڻي خليفو ويچارو ڇا ڪري يار
روز روز مون کي ڳڻتن ۾ ڳاري ويو

بس يار روز محبوب جو ديدار هجي
نہ ڏينهن جي نہ رات جي خبر هجي
خليفا شل پاڳ اهڙا ٿي پون پوءِ
نہ وند نہ ڪٽ نہ زير نہ زبر هجي

روز روز وينو تو منتون ڪريان
تنهنجي ملڻ لئي تو نياپا ڇڏيان
ڏس پلا خليفو ڪيئن مياري آ
ڏينهن رات پيو تو توکي سڏيان

مون هڪ دفعو عرض ڪري ڇڏيو
اهڙو بي رکو جواب مون ڪتي ڇڏيو
روز روز وينئي تي خليفي کي ميار ڏين
پرين پيار ۾ تو ئي ته منهن مٽي ڇڏيو

اچو ته رکون روزا ۽ تراويح نماز ۾ پڙهون قرآن
سپ رحمتون آهن هن ۾ هي آهي اهڙو مهمان
خليفا هن جو قدر ڪرڻ اسان تي فرض آچو ته
حقوق الله حقوق العباد جو فهم اٿئي مسلمان

رحمتن جو مهينو ماهه رمضان آ
انسان جي ڀلائي لئي لٿو قرآن آ
خليفا روزا رک ۽ روزا رکراء ۽
انهيءَ ۾ انسان جو وڏو شان آ

روز روز آهي انتظار تنهنجو
تو لئي سڪي ساهه منهنجو
خليفا ٿورو خيال ته ڪر يار
پيار جو پروانو آهي پنهنجو

روز روز تنهنجا مٺا طعنا
منهنجي لئي رکن ٿا معنيٰ

خليفا محبت ۾ برداش ڪر
پر هو ۽ ته ڇڏي پنهنجي انا

ڪاوڙ ڇڏي ٿي ته ويجهو
دشمنن جو ملهايون ٿيجهو
خليفا منٿ جو ملهه ڪونهي
نهي وياسين پاڻ ۾ سمجهو

هاڻي ها نه جو فيصلو ڪر
محبت جو پيدا ولولو ڪر
خليفا صبر جي دامن نه ڇڏ
تون پي ته ڪجهه حوصلو ڪر

هي ميڙون منتون قبول ڪر
مونکان محبتون وصول ڪر
خليفا خوشيون ڪوڙ تنهنجي لئي
پر تون پي ته ڪجهه اصول ڪر

روز ڪريان تنهنجو انتظار
خيالن ۾ ڪريان توسان پيار
خليفو ڪري ٿو پيار جو اظهار
ٿي وڃ يار پرين پرديسي جو

توکان سواءِ اڪيلائپ ماري پئي
توکي وري هر هر دل ساري پئي
خليفا گهڻو فڪر نه ڪر تون روز
خوابن ۾ اچڻ جو ڏينهن واري پئي

تنهنجي وڇوڙي کان ڏڙڪا پيا
تنهنجي جهڙي جا ڪڙڪا پيا
خليفا سڀ ڪجهه زندگيءَ جو
حصو آ پوءِ پيار جا ڪڙڪا پيا

جي نهي وجين تہ مان پيي گهوٽ ٿي وجان
پوءِ تنهنجي محبت جي مان اوت ٿي وجان
خليفا نيٺ تہ دل جون اميدون پوريون ٿينديون
دوستو دعا ڪريو مان پيي پسنديده ووٽ ٿي وجان

ٿورو احساس تہ ڪر
يار هر هر ياد تہ ڪر
پرين پيار ۾ پر پرو تہ ڪر

نااهلن سان نہ ڪر جهيڙو
يعني پنهنجو نہ بوڙ بيڙو
خليفا تون خلق خدمت ڪر
ڇڏي ڏي بي قدرن جو ويڙهو

واه جو يار تو مونکي تڙپايو آ
نہ رستو نہ دڳ منهنجي لئي بچايو آ
خليفي ويچاري کي ڪهڙي خبر
ان کي پيي عشق در در تي نچايو آ

منهنجو هر هڪ کان سوال آ
آخر زندگيءَ جو هوندو زوال آ
خليفا فاني دنيا هوندي پوءِ پيي
انسان کي محبت جو سوال آ

دل ڏي دلربا نہ تہ مان پيچي ٿو وجان
پنهنجي دل مان پيي هنڌ ڏئي تو اچان
خليفا ايڏي کاوڙ نہ ڪر انتظار ڪر
جواب متان هان ۾ اچي ائين نہ ڪجان

روز روز آهي تنهنجو انڪار
ڪبو تہ ڪبو توسان پيار
خليفا اقرار ڪرين نہ ڪرين
پوءِ پيي آهين منهنجو ئي يار

اڪيلا وينا آهيون پر محبت ۾ وينا آهيون
لفظن کي چوندڻ جي محنت ۾ وينا آهيون
خليفا پيغام پهچائڻ جي عبادت ۾ وينا آهيون
خيالن ۾ محبوب جي صحبت ۾ وينا آهيون

حق ڪائڻ جا شينهن آهيو
رات هوندي پيي ڏينهن آهيو
خليفا چا ڪريون نااهلن کي
قوم لئي اڻ مندائتا مينهن آهيو

پهاڪو آ ميان بيوي راضي
تو ڦر ڪيا ڪري گاقاضي
خليفا اهو قصو ٿي ويو ماضي
هاڻي ايراضي ماپي وٺن ٿا پيار ۾

اڄ مونکي توکان ٿي وئي نفرت آ
ديدار جي پوري نہ ٿي حسرت آ
خليفا ياد رک نيٺ تہ واري ۾ ايندي
پاڻهي تون چوندي تہ هي ڪثرت آ

روز روز وينو تو ياد ڪيان توکي
ڪيڏي بي واجبي آ انتظار پيي مون کي
خليفا تڪڙي عاشق سان ائين ٿيندو آ
عشق بيزار ڪيو انتظار ڪونهي ان کي

تنهنجي ديدار جو ئي انتظار آ
دشمن ٿي ويو منهنجو سنسار آ
خليفي ڏوهہ ڪيو کهڙو آهي
روز محشر منهنجي لئي ڪيو يار آ

سادا آهيون سادگي پسند آهيون
محبت واري زندگي پسند آهيون
خليفي کي قبول ڪرين تہ پوءِ
سنت ۽ الله جي بندگي پسند آهيون

ساهہ آهي تہ چاهہ آهي
پوءِ محبت ۾ ناهہ آهي

خليفا هر هڪ ساهہ کي
احساس جو ماهہ آهي

تنهنجي محبت ۾ چريا ٿياسين
پر ملنگ مست مستانا ٿياسين
خليفا تنهنجي ڪري زماني اڏو
چپ ڪري اسان ديوانا ٿياسين

ڏڪيل کي وڏو ڏک ڏئي ڇڏيئي
ڪٽيل کي وڏو ڏک ڏئي ڇڏيئي
خليفا هيءَ پيار جي جنگ آهي
ڦٽيل کي وڏو ڏک ڏئي ڇڏيئي

پيارا پيار ڪر نهہ نہ ڪر
جهيڙو ڇڏ انڪار نہ ڪر
پراڻو پيار ڇڏ نئو پيار ڪر
خليفا محبت جو قل منو آ
جديد دنيا ۾ جديد يار ڪر

سهڻا توکي صبح جو سلام
راضي ٿي تو ڪيو آهي ڪلام
خليفي جي اڄ فتح ٿي وئي
چوتہ دشمنن کي اچي ويو لغام
يار رکيو وينو آهي منهنجي لئي ايپ
بي هنڌ واجان تو تہ ڏسي وني ٿي ويب
خليفي لئي وڏو امتحان آ يار ڇا ڪري
محبت جو ڪيس ڪنيون ويني آهي نيب

اسان تنهنجي پيار جا اڳي ئي گهايل
دردن جي تحفن سان گڏ نياپو فراق جو آيل
خليفي جي اکڙين سوکڙيون چانيل
تنهنجي محبت ۾ ناهن حوصلا هاريل

اسان يار توسان ياري رکيسين
هٿ سان پاڻ تي خواري رکيسين
خليفا وفا جي اميد نہ رک چو تہ
پيار نہ پر مٿ ۾ واري رکيسين

اسان اڳي ئي آهيون تنهنجا گهايل
تنهنجي طرفان دردن جا تحفا آيل
خليفي جي اکڙين سوکڙيون چانيل
تنهنجي محبت ۾ ناهن حوصلا هاريل

هڪ تہ تنهنجي ڇڏي وڃڻ جو هيو صدمو
ٻيو تنهنجي ڪاوڙ جو ڪير ٻڌندو مقدمو.
هاڻي فيصلو آهي تنهنجي عدالت ۾ شفيق
سزا ٻڌائي ڇڏ دل تان لهي وڃي اهو اڌمو

پلائي جي طرف ڪير پي وري نہ ٿو
آس جي آفيس ۾ ڪو سخي لڙي نہ ٿو
غريبن جي مدد ۾ ساٿ ڏيو شفيق جو
صحت تعليم ۾ ڪير پي مدد ڪري نہ ٿو

ڏکن جي درياءَ کي پار اچي ڪر
پيار جي سمنڊ کي تار اچي ڪر
دل جي دري تہ ٺوري کول شفيق
انتظار چا جو دل تي وار اچي ڪر

يار تو بن تي ويا اڪيلا آهيون
تو سوا هتڙي ڪجھ بہ ناهيون
ملي وڃين راه ويندي شفيق تون
گڏجي پنهنجي زندگي ڻاهيون

شاعرن جي بہ سچي دنيا آهي محبوب
حسن کي ڏسي وري وري ڏسن خوب
چا تہ خدا جي بہ خدائي آهي شفيق
ڪارو پورو ڪٽڪ رنگو سندن اٿن روپ

اڄ وڏي دونئس اچي وئي
دردن جي ماڏاڻ مچي وئي
خليفو ويچارو چا ڪري يار
رسي مون کان هوءَ سچي وئي

چوندا آهن تہ انتظار جو ڦل منو آ
مننار جي پي ديدار جو ڦل منو آ
خلفيا صبر ڪر صبر جو ڦل منو آ
پيارن يارن جي پيار جو ڦل منو آ

نہ مال کپي نہ دولت کپي سھڻا
دنيا سجي ڏئي تي مونکي مھڻا
خليفا پون تا سھڻا تنھنجي کري

انتظار جو ڦل منو آ
مننار جو ڦل منو آ
خلفيا ٿورو صبر کر
پيار جو ڦل منو آ

پيار مان ئي سڏ کرين هان تہ چا هو
غريبن جي مدد کرين هان تہ چا هو
خليفا غلطيون ٿينديون رهنديون آهن پر
غلطي معاف کري ڇڏين هان تہ چا هو

ايڏي کاوڙ تنھنجي چونہ ڳالھيون
دشمن نہ دوست آهين بتال وايون
خليفا کاوڙ ڇڏ تہ پاکر پي پايون
پاڻ ۾ گڏجي نڀايون هن فاني دنيا ۾

روز روز وينو تو ڏسان تنھنجون راهون
وڇوڙي تي هر هر درد کن پيا کاهون
خليفا نہ کر دانھون بي دردن جي آڏو

سھڻا تنھنجي ڏنل دردن اڇي ديرو کيو
مون توکي پنھنجي دل جو وڏيرو کيو
خليفا تو وري فيصلو وڇوڙي جو کيو
کجھ حوصلو پنھنجي ڦيراک ۾ کيو

مون چيو توکي مون کان وڇڙيو آهين
دل چيو کڏهن مونکان وسريو آهين
خليفا بن پيارن وارن جي وچ ۾ نہ اچ
متان پوءِ چوين تہ تون پي چريو آهين

يار محبت واري اهڙي چانھ تہ پيار
پنھنجي هٿڙن سان چاھ واري يار
خليفي کي کيڏي سک آهي تنھنجي
دل سان دعوت ڏي لهي وجي انتظار

فيس بوک پي آهي منھنجي محبت جو کتاب
محبوب جي ڏکن جو کري رکندو آهيان حساب
خليفا ڏک تنھنجا وري پڙهون روز روز اسان چو؟
چو تہ ڏک پنھنجن سان سلبا آهن نہ کبو آ حجاب

محبوب پي آهي بنا وکيل جي زور
وکيل کيون تا تہ اهي پي ڏين تا ٽوڙ
خليفا پيار جو کيس کيئن لڙون يار
هوڏانھن محبوب هيڏانھن دل جو زور

ادي کي جن نہ کن ادي کي عشق انتو کيو
سوال ۾ ميناج هيو پر جواب جو انداز نہ هيو
خليفا دل جا راز نہ ٻڌاء بي خبرن بي قدرن کي
هميشہ پيار وارن سان جيکو پي ٿيو سو خوب ٿيو

محبت ۾ وجهي چڏيئي گهاري
اها آهي اسان سان تنهنجي ياري
خلفيا يڪدم جواب ڏئي چڏيئي
محبت جي پيغام تي وئي خواري

چوندا آهن ته جوان ٽجي يا رهجي جوان جي پاڙي
جيڪو وعدو ڪري نڀائڻ جو وري اهو وعدو نه پاڙي
خليفا وعدو سنڌ سان هجي يا ڪنهن دوست سان
واعدو واعدو آ اهڙي پاڙي تي ڪڏهن به نه ماڻهو پاڙي

هر ڪو پيار جي دعويٰ ڪري ٿو
دعويٰ ڪري ڪوڙو سچو مري ٿو
چڱي شيء ڏسي سڀ ڪو ڪري ٿو
خليفا ڳالهه ڳوري آهي تمام پر يار
انسان کي انسان ڏسي پيو نري ٿو
چوندا آهن ته ياءُ ڪان پڙوو منو
تڏهن ته يار ياءُ آ ياءُ کي ڪنو
خليفا چاحال تي ويو آ زماني جو
هڪ کي پرچاءِ ته ٻيو ٻينو آ رنو

چوندا آهن ته محنت ۾ عظمت آهي
هتڙي وري محنت واري جي عزت ناهي
خليفا سچ ڪهڙو چئون چمچن کي يار
نااهلن کي ڪرسي ڏيندا آهن ناهي ناهي

شاعر ليڪڪ جي سچ لکڻ تي ڊجو چوتا
سچ لکڻ وارن ڪان يار توهان پڄو چوتا

خليفي جي شعر تي ڪاوڙ ڪريو چو تا
شاعر جي سوچ آ پاڻ ڏي سمجهو چو تا

جيون ساٿي ڪانسوا مزو نه ٿو اچي
تنهنجو درد دل ۾ پيو ٿو هر هر نچي
خليفا وڇڙي ضرور ويو وسريو ناهي
وري تنهنجي ملڻ لئي درد پيو مچي

روز روز ته حاضري پريان ٿو
روز روز نياز نوڙت ڪريان ٿو
خليفي کي دل سان قبول ڪر
ته پيار جو نڪاح پڙهايان ٿو

روز روز روز آهن آسرا تنهنجا
ڪٽندا ڏينهن وجن تا منهنجا
خليفي جو ڪجهه ته خيال ڪر
هي درد دل کي ڏنل آهن ڪنهنجا

اسين مري وياسين تنهنجي عشق ۾
صفا فنا ٿي وياسين تنهنجي عشق ۾
خليفا دلين جا سودا آهن آسان واپاري ناهي
ڪٽيل بازي هارائي آياسين تنهنجي عشق ۾

اسان جي محبت تي حيران آهن ٻهري وارا
اهي پيي ته انسان آهن ٻهري وارا
خليفا جدائي جا ڏينهڙا جلد پيي
گذري ويندا امتحان آهن ٻهري وارا

ڏسو زمانو ڪهڙو تي ويو آهي يار
پيسن تي زال کي ڇڙهو ۽ يار کي هزار
خليفا خدا نہ ڏيکاريندو اهڙو پي پار
هي آهي پيار نفرت ڪرائي پنهنجن ڪان

محبت تي حيران آهن پهري وارا
اهي پيي تہ انسان آهن پهري وارا
خليفا جدائي جا ڏينهڙا جلد پي
گذري ويندا امتحان آهن پهري وارا

مڪار جي مڪر ڪي
چوندا آهن لتر پچي چڪر ڪي
خلفيا ڪوڙي جي منهن ۾ پي ڏوڙ
اجاگر ڪر سچ جي فڪر ڪي

جيڪڏهن تون سنڌ ڪي نہ پائيندين
تہ پوءِ اسان سان پي ڪيئن نبائيندي
خليفا درويش آهين اميد نہ رک غدار
مان ان سان گڏ تون ڪائيندين گهمندين

مار پوي مڪار جي مڪر ڪي
چوندا آهن لتر پچي چڪر ڪي
خلفيا ڪوڙي جي منهن ۾ پي ڏوڙ
اجاگر ڪر سچ جي فڪر ڪي

مان جسم تون منهنجو روح
دشمن لئي آهيون اسين توهہ
خليفا خيال ڪر عشق آ ڪوهہ
جوان پوهہ ڪريان آهن انهي ۾

محبت ۾ ويچا وڌائين ٿيون نفرتون
نفرتن سان ختم ٿين ٿيون حسرتون
خليفا محبت جو پيغام عام ڪر تون
نفرتون پکيڙيندڙ جو حشر ڏس تون

جيءُ جوڙ پنهنجي ڌرتي سان
يار نہ رک ياري اهڙي ڪند سان
خليفا جنهن سان جياپو هجي
محبت رک ان پياري سنڌ سان

اچ تہ يار پاڻ ۾ ويهي محبت ڪريون
جي انسان آهين تہ اها عبادت ڪريون
خليفا مئي ڪانپوءِ سپ ڪو مٿان پڙ وجهي
پر جيئري چو نہ هڪ ٻئي جي خدمت ڪريون

محبت ۾ نہ ٿينو چٽ آهي
نفرت کي ڪرٽو چٽ آهي
خليفا پوءِ هي دنيا ڏس
جنت ڪان يي گهٽ ناهي

ظالم سان حق لئي وڙهڻو آهي
مظلوم کي نه ڏيڻو مهڻو آهي
خليفا هيءَ جنگ ازل کان جاري
آهي اصلي پوئتي پيي هٽڻو ناهي

چوندا آهن ته لتر پچي چکر کي
ظاهر ڪجي مڪار جي مڪر کي
خلفيا ڪوڙي جي منهن ۾ پيي ڏوڙ
عام ڪندو رهه سچ جي فڪر کي

چو نه پاڻ ۾ محبتون ڪيون
محبتون ونون محبتون ڏيون
خلفيا ٻن ٽن ڏينهن جي زندگي آ
ختم ڪري نفرتون سڀ ڇڏيون

هر وقت اکڙين ۾ تصور تنهنجو
مون کي لڳي ٿو ڏاڍو سنهنجو
خليفا تصوير تصور کان تائين
روح ۾ رهي پيو سڄڻ منهنجو

جي بک تي لڳي ته چار ڏوڪا تا کائون
بي ڏوهه هوندي به پرائي سزا تا کائون
جي سک سان تا ويهون اسان خليفا
ٻين جي ڪرتوتن جي جزا تا کائون

هي آهي تنهنجي لئي
هو آهي منهنجي لئي
خليفا تون آهين اڪيلو
ٻڌاءِ تون آهين ڪنهنجي لئي

پرين جي ايندي سامهون چڱا ڀلا ڪرندا
پوءِ اسان پارا چو نه مرندا

منهنجو محبوب هو آخري ظالم
ڄڻ تاريخ جو خوف ناڪ ڪالم
خليفي جو قصو پڙهندي مون
افسوس ڪندي ڏٺو سڄو عالم

دلبر نه ڪر لفظن تي اعتراض
لفظن ۾ ئي ته هوندو آ سوز آواز
خليفي جو نماڻو عرض آ توکي
توکي ڪهڙي خبر ڇا هوندو آ راز

عجب رنگ ڏسو عزت واري کي گهليو وڃي ٿو
ڏسي ڏوهي کي سلام سان ڪيڪاريو وڃي ٿو
خليفا عدل انصاف کي لغام ڏئي اقربا پروري
کان ڪم وٺي پنهنجن کي نوازيو وڃي ٿو

فيس ڀرڻ لئي شاگرد پريشان
گهر هلائڻ لئي مرد پريشان
خليفا عورتن کان ڪارڊ تي پيسا
وٺڻ لئي ڪرپٽ فرد پريشان

آيو هاڻي آهين وري چو وجين تو تکڙو
کهين تو جيئن کهي کاسائي ٻکرو
روئين ائين پيو جيئن روئي ننڍڙو چوکرو
خليفا زندگيءَ ۾ اهڙيون تہ اداس راتيون
تنهائيءَ جي کري هر هر هوکرو

آيو هاڻي آهين چو وجين اهڙو تکڙو تو
تکڙ اهڙي جڻ کاسائي کهي ٻکرو تو
دل روئي جئين روئي ننڍڙو چوکرو تو
جدائي تي خليفا چو کرين هوکرو تو

ياد کري کري تکجي پيو هان
توکان سوا ڏاڍو تکجي پيو هان
خليفو اکيلو تي ويو آهي تو بنا
رکجي رکجي ککجي پيو هان

ٻہ هزار ٻاويهہ ٻي گذري ويو
لڳي تو وعدي تان ڦري ويو
خليفا من ٻہ هزار ٽيويهہ ۾ چوين تہ
منهنجو پرين مون کي ملي ويو

قرب کيان آهن کروڙ قربدار
اهي ڳجهارتون پڇن سمجهدار
خليفا نيهن جا نياپا نيائڻ وارن
لئي هوندا آهن قانون فوجدار

سپ کو چوي تو نااهلن کي چا چئون
بيکار نااهل حکمرانن کي چا کريون
خليفا مذمت سان کجھ بہ نہ ٿيندو
يلا ٽوکن کي کھڙيون لعنتون هڻون

هاڻي تنهنجون ياد رهنديون يادگيريون
پيار جي پيالن ۾ جيکي کارايون کيرٽيون
خليفا واقعي سچ چيو اٿن دنيا فاني آهي
پيارن جي ياد ۾ اکڙيون ٽيڻ ٽيون آلوڙيون

نااهلن جا ابا ناحق وينا آهن
رکيون قيد ۾ حق وينا آهن
خليفا هر مسئلي ۾ هرويرو
اڙايون تنگ احمق وينا آهن

قلب امراض يا مريض محبت ڳالهہ ساڳي
ناراض کي پرچائڻ لاءِ رات گذاري جاڳي
خليفا داخل آهن مريض محبت اسپتال ۾
هکڙا ونن دوا ٻيا تي وجن شاعر يا راڳي

شاعري جي هن دور ۾ اهي غزل کونهن
شاه سچل پڙهون پر اهي عمل کونهن
خليفا سپ کو نڙک نڱي تي کري پيو
شاعري هاڻي اهي ٻڌڻ وارا اهل کونهن

تو کي مون ڏاڍو ياد ڪيو آهي
زماني مون کي برباد ڪيو آهي
خليفا سور سلڻ واري کي سهارو ڏئي ان
جو گهر آباد ڪيو آهي

ڏسي ڇڏيوسين ستمگر
گذري تو مهينو ڊسمبر
خليفا پگهر نہ تا بيهن
واھ جو آ تنهنجو صبر

محبت وارا هوندا آهن قلب امراض
انهن سان نہ ٿبو آ هرويرو ناراض
خليفا عجب ستمگيري آ تنهنجي
هر ڳالھ تي آهي تنهنجو اعتراض

تو بن اسين آهيون ڄڻ پرديس ۾
جي ديدار ٿي وڃي سهڻي ويس ۾
خليفي کان سڀ ڪجھ وسري
ويندو پرديس ۾ آهيون يا ديس ۾

منهنجي دل کي تون وڪوڙي وئين آهين
ڇا تہ جيءُ پاڻ سان جوڙي وئين آهين
خليفا نہ تو مڙين لوڙي جوڙي پوءِ پيي
دل ۾ پيار جو جهنبو کوڙي وئين آهين

واعدو ڪري وري مون کان ڦري وئين
ڏاڍي مون مسڪين سان ڪري وئين
خليفا ائين نہ ٿيندو آهي يار محبت ۾
وعدو ٽوڙي ڏوهارين من ڪري وئين

گهڻو ڪرايو اٿئي انتظار
انهيءَ کي نہ چئبو آ پيار
خليفا ڏس پنهنجيون بي
جوابيون يار غريب سان

تنهنجو آهي مونکي انتظار
انهيءَ کي چئبو آهي پيار
خليفا نہ تو ڪرين اعتبار
ٻڌ يار آهي تنهنجو انتظار

مان تنهنجو تون منهنجو
هي سجو جهان تنهنجو
خليفا سڀ ڪجھ قربان
جيڪو مالڪ آ دل جو

نہ رکين روزا نہ پڙهين نماز سڏائين ٿو ساقي
حق سيني جا ڪائين گهرين ٿو رب ڏي معافي
خليفا اٽڪلن سان نہ عملي ڪم ڪرڻ سان
رب العالمين ٿيندو محبوب جي صدقي شافي

سچ ڳالهائڻ چاهين ٿو تہ
هر هر قسم ڪٽڻ بند ڪر
خليفا محبت هجي يا واپار
ڪوڙ تي ايمان ڪپائڻ بند ڪر

اظهار محبت ڪرڻ چاهين ٿو
تہ ختم نفرت ڪرڻ چاهين ٿو
پهريان انساني ويس پهر جي
خليفا عبادت ڪرڻ چاهين ٿو

ترڇي نظرن سان ڏس نہ مونکي
متان تي نہ پوي چرڪ توکي
خليفا محبت ڪهڙي شيءِ آهي
پلي پڇ معني خبر آهي جنهن کي

چا ورندو حسد ڪرڻ سان
قرب جو در بند ڪرڻ سان
خليفا عزت ڪٽندي ئي ناهي
ڪنهن ڏي هلي وڃڻ سان

حالات تي لک تہ سپ ڪاوڙجي وڃن ٿا
علمي پوسٽ رک تہ سپ ڪاوڙجي وڃن ٿا
خليفا ڪنهنڪي پي ٿوري صلاح ڏي تہ يار
ٿورو ادب سک تہ سپ ڪاوڙجي وڃن ٿا

وقت هيو اسين پي نخرا ڪندا هئاسين
ساٿي سان ملي مرڪي ڀهڪندا هئاسين
ڪيڏو پي ڪاوڙبل چو نہ هجي خليفو
پر پوءِ پي موٽي ان وٽ ايندا هئاسين

يار سان پي پيار ڪبو
پيار جو پي اظهار ڪبو
مگر سنت امڙخاطر شفيق
دشمن تي پرپور وار ڪبو

چو يار هار سينگار چڏيو تئي
پياري سان پي پيار چڏيو تئي
خليفا هي ڪهڙو احتجاج آهي
ڪري پاڻ کي چو ڏار چڏيو تئي

تون آهين منهنجو نصيب
منهنجو ملڻ تنهنجو نصيب
خليفا هي دلين جا سودا آهن
ڪير ڪائي ڪنهنجو نصيب

قرآن پڙهڻ سان يار شفا ملي ٿي پوي
قرائت ڪرڻ سان بيمار دل نري ٿي پوي
نماز پڙه معراج ڏانهن واڳ وري ٿي پوي
هن دنيا ۾ جن قرآن سنت تي عمل ڪيو
خليفا انهن جي دنيا آخرت نهي ٿي پوي

تنهنجي جدائي تي تو روئان
پنهنجي تنهائي تي تو روئان
خليفا ڪوڙ ساريون يادون اچن
پر بي وفائي تي تو روئان

اڄوڪي دؤر ۾ تصوير ۾ تي تعليم ڏسجي
آهيون معاشري ۾ سڀ مندا گنهگار سڀ
افسوس رڳو هرويرو استاد پيو دسجي
تصوير ۾ تي تعليم ڏسجي

جيڪو شخص علم نہ تو حاصل ڪري
گٽر جي گندي پاڻيءَ ۾ ٻڏي سو مري
روز وينو تو بڪ بڪ ڪري شفيق
ڪين تو چڱائيءَ طرف واپس وري

تنهن جي منهنجي محبت جو هل
سادگيءَ منهنجي تي نہ يار ڪل
ڪرين تو روز روز بهانا خليفا
ڏس پلا ڪهڙو تون پرين تو بل

اهڙيون رچن روز رهاڻيون
يار اخلاق ۽ ادب وارن سان
جيئن اڄ رچائي ميهڙ ۾ وئي
خليفا ماڻهن منن پيارن سان

محفل مزي واري ڪا ڪا
سڪون دل کي ڏيندي آ
جٽ پياري ماڻهوءَ سان
ڪا رهاڻ رچائي ويندي آ

دنيا ۾ سختيون سهان تنهنجي ڪاڻ
محبت ۾ ڪونہ مڃيندس مان آڻ
شفيق سنڌ يا سنڌو سچو مهراڻ
سر ڏئي ڪبي سرهاڻ ڏسندو ڏيهہ سارو

تون ڪوڙو آن ڪوڙ تو ڳالهائين
ڏئي دلاسا ڏن جاءِ الو تو بڻائين
سالن کان ڏئين تو آسرا شفيق
ڪا نوڪري بہ ڪين ڏنائين
ڪنهن غريب جي ٻچڙي کي

پري پاڪر تون سيني سان تو لڳائين
چئي پنهنجو آن پيو هر هر پائين
وقت گذرندي دير نہ تي لڳي شفيق
هاڻي چئي تو ٻڌائين ووٽ ڏکي جو

تون ڪوڙا ڪوڙ ڳالهائين تو
ڏئي دلاسا دل بهلائين تو
سالن کان آسرا ڏيندو آئين
چو سارن کي تون ستائين تو
شفيق جهڙن کي نڪرائين تو
پو پي پنهنجو پاڻ وٽائين تو

پري پاڪر تو سيني لائين
ووٽ وني نہ ليئو پائين
وقت گذرندي دير نہ ٿئي ڪا
متان شفيق چئي پو پڇتائين

حق ڳالهائڻ جا شينهن آهيون
رات هوندي بہ ڏينهن آهيون
خليفا چا ڪريون نا اهلن ڪي
قوم لئي اڻ مدائتو مينهن آهيون

پهاڪو آ تہ ميان بيوي راضي
تو ڪيا ڪري ها قاضي
خليفا اهو قصو ٿي ويو ماضي
هاڻي پيار ۾ بہ ماپي وٺن ٿا ايراضي

وجين ٿو تون اي دلبر، هن سنگت ڪي حق سچ چيون وچ
جڏهن بک لڳندي اسان ڪي ڏاڍو ياد ايندين تون
هاڻي رٽائرمينٽ جا 2،3 لک اسان ڪي ڏيون وچ

پيارن پيارن يارن طرفان سالگرهہ مبارڪ
مٽ مائٽن پيارن طرفان سالگرهہ مبارڪ
چون ٿا دل جي گهرائي سان شفيق ڪي
ڏيهہ پرڏيهہ سڄڻ سارن طرفان سالگرهہ مبارڪ

تنهنجي پيار جي هئي پڪ گهڻي
ماڻهن تو ڪي دل ۾ وڏا شڪ ڪٽي
هدايت ڏئي شل توکي منڙو ڏٽي
ڏاڍو تو پوءِ بہ وٺي شعر ۾ شفيق ڪي

پروردگار ۽ پيغمبر خدا آهن سنڌ سان راضي
ڪين وساريو وڏڙن سنڌو مستقبل ۽ ماضي
ارغونن ترخانن انگريزن عارض برهمڻ ڪٽي بازي
اي شفيق قاضي اڄ بہ سورهيه آهن سنڌ ۾

چٽو چند ڪان ظاهر اختر سهول
سنو دل جو طاهر اختر سهول
هر خوبيءَ ۾ خاصو جوان شفيق
آهي ادب جو ماهر اختر سهول

اڄ ايترو تون خاموش چو آهين
ڪا ڳالهہ آهي جو اڳ جهڙو ناهين
شفيق ڪي سڪون ڪيئن اچي
تون جو پنهنجي پراڻي پريت ۾ ناهين

17-09-2023

شاعريءَ ۾ بس لاجواب آ شفيق
ماڻهو جڻ کو گلاب آ شفيق
غزل گيت ۽ نظم لکڻ جو ماهر آ
قرني قرب ۾ بي حساب آ شفيق

شهر ميهڙ جو سينگار آ شفيق
ڏکويل دلين جو يار آ شفيق
سندس شاعري ماکيءَ کان مني آ
قرني غزل جو سرتار آ شفيق

سنو استاد دلين جو ٺار آ شفيق
گيت غزل وائي جو پڳدار آ شفيق
محبتي ماڻهو ميڙي محفلون کندو آ
سچ پچ جي قرني کو اسرار آ شفيق

اويس "قرني" مهيسر

اعجاز علي سوڍر (انمول)

محبت جي مالها

محبت جي جو مالها ٽٽي ۽ موتي سارا ٽِڙيا،
وکريو سارو وَلر اهڙو جو کڏ نہ واپس مِڙيا،
ابن جا آستانا ڇڏياسون ۽ ويڙها سارا وَڙيا،
روش پراڻي راضي ناهيون ۽ جدت سارا جَڙيا،
ميٺ محبت موکلايو ۽ خالي ٽي پيا کَڙيا،
سُور نہ سَليو ٿئي هاڻي، پاڻ هون اهڙا پَڙيا،
پاڻ پنهنجي هڙ وِڃائي، ڳوڙها پيي کين ڳڙيا،
داناءَ ديواناوار دانهون کري، لڙک لکائي لڙيا،
واهہ جو اسان بيهوشيءَ جي بانور ۾ آهيون ٻڙيا،
پنهنجي ٻاريل باهہ جي سُورن منجهہ هون سَڙيا،
لوڏ آئي لوپين جي، ميزبان مهاڳن تان تن پو ٽڙيا،
افسوس آهي انهيءَ ڳالهہ جو، اڄ اسان هون اڙيا،
تنهائيءَ جا تيور ڏسي، روح اسان جا رهندا رڙيا،
افسوس آ "انمول" اهو ئي جو هنڌ اهڙي هون کڙيا،
جو هاڻي واڳ بہ ٽا کين ورائي سگهون.

ڪھڙا ويھي سور سڻايان

ڪھڙا ويھي سور سڻايان،
ڪھڙا اندر جا احوال ٻڌايان،

هر ڪو سورن منجھ سمايل آهي،
هت ظلم ئي هر هنڌ ڇانيل آهي،
ڪھڙا ويھي ڪھڙا ڪڏا ڪرتوت مان دانھيان،

رشوت سوا ڪو رستو ناهي،
پنھنجن سان ڀي پرتو ناهي،
ڪھڙا ويھي پنھنجن سان مان سِينا سانھيان،

لالچ ۾ تو لوڀي هو رڳو لٽي وينو،
مسڪين ماروئڙا تو ڪٽي وينو،
ڪھڙي پاسي ڪاهي ڪھڙي پاسي ڪاهيان،

فرياد ڪٽي ڪا ڪرڻي ناهي،
ڪچبو تہ پوندو لاهي پاهي،
ڇا ڪريان پائو مان اهڙي ديس ۾ آهيان،

”سوڍر“ سدائين سسڪندو رهندي،
پنھنجي مُنھن وينو روئندي رڙندي،
انصاف تو چاهين، لڳي تو هوش ۾ ناهيان،

اجان بہ ناهي سڏارو چو؟

آهي پڪو گھر، پنھنجو آزاد نگر، اجان بہ ايمان اڏارو چو؟
آهي آسودو تر، پنھنجو پريم پڌر، اجان بہ ناهي سُڌارو چو؟

سونا سونا سنگ اپائي، مونجھہ مٿائي لڙڪ لڪائي،
ڌڻ جو ڏٽي، پڪو فصل ڪٽي، اجان بہ پيٽ بکارو چو؟

ڪري تو محنت مزدوري، پوءِ بہ ناهي سندس پوري،
درد نٽس دور، رهي چڪنا چور، اجان بہ ناهي نيارو چو؟

سور سين جا رهيا ساڳيا، هو آهن چور هي تيا پاڳيا،
اونچي آ پرواز، ڪري ڪو آواز، اجان بہ ناهي سگھارو چو؟

مهانتا ماٽي مِهمان نوازي، ڦريو ڏس پنھنجو قاضي،
انمول آدرش، تو لڏائي عرش، اجان بہ پرڪ پيارو چو؟

قاضي هن جو، ڪورٽ هن جي

قاضي هن جو، ڪورٽ هن جي،
دردن سندو درمان ٿئي ڪيئن؟

اوپرو ٿيس تڏهن آنهن نڪتي،
چرچو هن جو، چاهت هن جي،

محبت ۾ ماري مات ڪيائين،
رستو هن جو، راحت هن جي،

فرياد منهنجي اگهاڻي ڪيئن،
فراق هن جو، فراست هن جي،

سُور سٺائي جو ڪيم غلطي،
زخم هن جو، ذهانت هن جي،

ڪٿيل بازي هارجي ويندس،
وڪيل هن جو، وڪالت هن جي،

”انمول“ فرياد رسائي ڪيئن؟
انگل هن جو، عادت هن جي،

ثقافت اسان جي اڄ ڪيڏانهن ويئي؟

اوطاقون اسان جون الفتن سندا آستانا هيون،
ميٺ ۽ محبت پريل سارا سي ميخانا هيون،
ڳوٺ جت اچي ٿيندو ڪل ئي ڪَني هو،
قرب سنديون هونديون ڪي ڪارخانا هيون،
اباڻيون اڄ اوطاقون اهي اپاٽڪيون آهن،
هي ڳالهيون پراڻيون ڪي هاٽڪيون ناهن،
رسم پراڻي چو رسي اسان ڪان ويئي،
ثقافت اسان جي اڄ ڪيڏانهن ويئي؟

لسي اسان جي ٻہ دليون لپائيندي هئي،
ماني ان وقت سو مکڻ چاهيندي هئي،
ماروئڙن جو ڏڌ سان ڏاڍو چاھ هوندو هو،
مَهي ٻہ ٻڻائي معتبر وقار وڌائيندي هئي،
چاڏي ۽ چونري سدائين ميٺ ڪي ميڙيو،
تن چاهت جو چوڏاري چيٺ جو ڪيڙيو،
ريت پراڻي چو رسي اسان ڪان ويئي،
ثقافت اسان جي اڄ ڪيڏانهن ويئي؟

هر پاچاري هوندي هئي جهونگار اللهٰ هو،
پيچ مچرن جي پيهي هوڪار اللهٰ هو،
هر طرف لولي لات اها ئي لوندي هئي،
امڙ جي ٻولي هوندي هئي تنوار اللهٰ هو،
دليون محبت سان هونديون مالا مال هيون،
ڪِل ۽ خوشيون هونديون سارو سال هيون،
ورونڌ پراڻي چو وسري اسان ڪان ويئي،
ثقافت اسان جي اڄ ڪيڏانهن ويئي؟

مَنهن، موچارا، چنا، چاپرا ايمان اڏيا،
جَنڊ، جاندر، ڇڄَ، ڇبا سامان گڏيا،
کُوهَ، کرا، نيسَر، نارَ، وَٽا، ويا هڙ هتان،
سارِي سونهن مُنهن موڙي ڪِين سَڏيا،
ڏِٿ، پَرولي، پهاڪا، ڏور، بيت، ڳجهارت،
سَهِرا، مَوڙ، ڳانا، مَيندي، نيازمندي ۽ نوڙت،
چاهت پراڻي چو وسري اسان کان ويئي؟
ثقافت اسان جي اڄ ڪيڏانهن ويئي؟

سرمايو سارو هٿئون وڃائي ويٺاسين،
سانگين سندي لوئي ٻہ لڄائي ويٺاسين،
پرڪار اسانجن تي ڪي روح رَڙيا هوندا،
ماروئڙن جي هڙ محنت مٽائي ويٺاسين،
ڪاري وارو هئو پٽ، وَهُ ۾ پُڳل گوشت،
مِٽ مائٽ ٻہ ڪائي توڙي هجي دوست،
نيابت پراڻي چو وسري اسان کان ويئي؟
ثقافت اسان جي اڄ ڪيڏانهن ويئي؟

هن جدت جيئرا اسان جا جلائي ڇڏيا،
پنهنجا پرڪار غيرن سان گڏائي ڇڏيا،
"انمول" اوصاف، تهذيب، تمندن تِياڳا آهن،
پريت پنهوارن، پاڻ ويتر وِڃائي ڇڏيا،
لبرل ازم ڪديا لاهہ، لالچ لوڙهي ڇڏيو،
موبائل ميڙي ڪچهري کي کوڙهي ڇڏيو،
عادت پراڻي چو وسري اسان کان ويئي؟
ثقافت اسان جي اڄ ڪيڏانهن ويئي؟

قبر ۾ اسان سان نہ گڏ ڪير ٿو

ميلا متل هوندا، رانديون رتل هونديون،
ڪپيل ڪَنڌ هوندا، ڌرتيون تتل هونديون،
جرم جاري هوندا، محفلون قِتل هونديون،
ساڳيا سُور هوندا، اميدون اٽل هونديون،
ساڳيو ڦند هوندو ۽ ساڳيو ڦير هوندو،

ظلم ڪي زور هوندو، ڏاڍ ڪي شور هوندو،
لوسي لاف هٽندو، محفل جو مَور هوندو،
مسڪين مَرندو، هنيانءَ تي تور هوندو،
پيرِي پنڌ پوندو، ساڳيو ئي چور هوندو،
ڪو اجرو، ڪنهن جي مَنَ ۾ مَير هوندو،

ڪو چاهت ۾ چريو، ڪو چريو ٻہ ڪريو،
ڪو نفرت پريو، ڪو محبت منجهہ مريو،
ڪو تار ۾ تريو، ڪو مڙس سڏائي پَريو،
ڪو ڪنهن تي ٻَريو، ڪو واٽ تان وريو،
ڪو ڏاڍو پاڻ کي سمجهندو شير هوندو،

ڪا ستي جتي هوندي، ڪا نچندي هوندي،
ڪا قدر ڪِين ڪندي، ڪا پڇندي هوندي،
ڪا روز روز مرندي، ڪا جيئندي هوندي،
ڪا ڪِل ۾ گيري هوندي، ڪا روئندي هوندي،
ڪا هوندي قابو، ڪنهن پازيب پير هوندو،

ڪٿي آنهن ۾ دانهن سندو درمان ٿيندو،
ڪٿي ڪنهن جي آرزو جو ارمان ٿيندو،
ڪٿي ڪنهن پرڪار تي پشيمان ٿيندو،
ڪٿي انسان بيهوش بي ايمان ٿيندو،
ڪٿي پاءُ تہ ڪٿي وري سَير هوندو،

ڪڏ چاهت ﮦ ڪنهن کي چريو چوريندي،
ڪڏ راحت ﮦ ڪنهن کي رڙيو رڙيندي،
ڪڏ ساعت ﮦ ڪنهن کي سڙيو سڙيندي،
ڪڏ پارت ﮦ ڪنهن کي تڙيو تڙيندي،
منت نہ مجبي، "سوڍر" پو ﮦ خير هوندو،

زندگيءَ ۾

محبتون، اڪرام، عزتون ارپي ڏيو زندگيءَ ۾
خوشيون، خيراتون، خوب ڪيو زندگيءَ ۾
موت پڄاڻان هر ڪو مري هتان مسافر ٿيندو
قرب ڪچهريون محبت ميلا ڪيو زندگيءَ ۾
روز رُساما، حسد ساڙ منجهان هٿ ڇا ايندو
احترام الفتون ادب سڀ اوتي ڏيو زندگيءَ ۾
نفرتون باهه ٻريل هر هنڌ ڏسون ٿا اکين سان
ڪلي خوش ٿيو، قرب ڪَني ڪيو زندگيءَ ۾
ٻين کي خوشيون ڏيڻ ڏاج ڏهيسرن جو آهي
موجون، مستيون، دائري اندر ڪيو زندگيءَ ۾
ٻين سان پاڻ پيٽيو ٿا دولت جي ترازو منجهه
نيڪين ۾ سُنائين جي رِيس ڪيو زندگيءَ ۾
قرب ڪَني ڪري ونو قدردان ماڻهن منجهان

موقعو مليو توَ چڱائي چُونڊي ڪيو زندگيءَ ۾
هت هر ڪو مسافر آهي دنيا مثل مسافر خانو
چڱائين سان ڪٽي دلڙيون راڄ ڪيو زندگيءَ ۾
پنهنجي لاءِ جيئڻ هتي هر ڪنهن کي ايندو آ
اصل مقصد زندگي ٻين ڪارڻ جيئو زندگيءَ ۾
بنا بندگي اتوَ شرمندگي سراسر هيءَ زندگي
خدمت انسانيت عبادت سان گڏيو زندگيءَ ۾
علم بنا انسان اڌورو، محبت بنا ويران سمورو
بنا الفت بنا محبت پو باقي ڇا رهيو زندگيءَ ۾
ڏکن سکن جي هن سنگم جي شڪوه ڪار ناهي
هر حال ۾ شڪور جو شڪر ڪيو زندگيءَ ۾
مولا محبت سان ٺاهيو هي سنسار آهي سارو
چمن جي چاهت سان باغباني ڪيو زندگيءَ ۾
خالق جي خلقت جو تحفو آ تعارف جوڳو مليو
قادر جي قدرت سندو ڪارخانو هليو زندگيءَ ۾
انسان ۾ انس جو مادو رکيائين پاڻ پروردگار
ڏسو چاهت جو عجب چرخو چليو زندگيءَ ۾
مالڪ جي مِهر هر مخلوق مٿان "انمول" رهي آ
"سوڍر" ساراهي سچو هر قول ڪيو زندگيءَ ۾

مان ڪيئن ساراهيان سانگي پنهنجا، سُورن منجهه سٽيل جو آهن،
مان ڪهڙا ويهي ساز الاپيان سائين، سينا منهجن جا ڦٽيل جو آهن،
ميزبانيءَ منجهه ڪائي مات ويا، فراست منجهه پاڻ ڦرائي وينا،
"سوڍر" ڪهڙا ڪهڙا سُور سٽائيان،سڀ کي درس جدت جا رٽيل جو آهن.

قرب ڪري پير پري

قرب ڪري پير پري مَنَ اڳڻ تي اچين
مونجهه مَري دل ٺري مَنَ اڳڻ تي اچين

نيڻ وِڇايان، جهمريون پايان،
خوشي وارا گيت مان ڳايان،
رَهُه نہ پَري ڪِين نہ سَري،

سَتائي ٿِي ياد، اچ تہ ٿِيان شاد
باهِ ٻَري، تانگھ ٽري،

اچ چيڙا چوري، ڏاڍيان هَوري،
ياڳ وَري، نہ تو تيم ٽري،

مان بي مول ناهيان، ”انمول“ آهيان،
ڏيان ڏري، هنيانءَ تو ڏري،

سڏڪا پري روئڻ تو چاهيان

پنهنجي اندر جا احوال اورڻ تو چاهيان
اڄ سڏڪا پري روئڻ تو چاهيان

انسانيت آهستي موڪلائيندي تو ڏسان
حيوان پاڻ کي انسان چوائيندي تو ڏسان
پنهنجا سڀ ڏک ڏورڻ تو چاهيان

رشتن کي ٽوڙڻ صفا عام ٿي ويو،
گار گند ڪرڻ ڏاڍو جام ٿي ويو،
اها ٽنل مالها پوئِڻ تو چاهيان،

مسجد ٿيندي ويران وڃي پئي،
هوٽل ڏي ساري خلق هلي پئي،
ڇٽنگ اها چورڻ تو چاهيان،

رستا روڪي ڦرون جام هي ڪن ٿا،
مسڪين ماروئڙا بہ ڪونہ ڇڏن ٿا،
نسل اهڙو مان گهورڻ تو چاهيان،

ڪونڌر ڪسجن ڪا ڳالھ ئي ناهي،
اهو بئي جو ڏک آ منهنجو چاهي،
سور اهو ئي سورڻ تو چاهيان،

ڪوئي پاءُ تہ هتڙي ڪونهي ڪو،
تو سير سڏائي هتڙي سيڪو پيو،
تور ۾ سيئي تورڻ تو چاهيان

عزت هت روز تماشو بڻجي ٿي،
آبرو سندي ميت روز ڪٽجي ٿي،
چنگ اهڙو مان چورڻ تو چاهيان،

اميدن آسرن ۾ نيڻ نماڻا پنل رهن،
پيءُ ۽ پٽ بہ تا پاڻ ۾ ڪين نهن،
مُنهن اهڙا مان ڏوئِڻ تو چاهيان،

ويچا وجن پيا وڏندا ڏينهون ڏينهن،
”انمول“ اکڙين مان وهندا رهن مينهن،
ڪڏا ڪردار مان پُورڻ تو چاهيان.

پليون آهين پائو

پليو آهين پائو اهو رستو ساڳيو ناهي،
آزاري تو ڪئي انسان وڏاهِن، لالچ ۾ لوپي تو ڪي لعل لڏاهِن،
هيسائي تون هنيانءَ وجهين ٿو، ماروئڙا مرجهائي ڇڏين ٿو،
دليون ڏڪائڻ ڏاج آ تنهنجو، حرام ڪائين جڻ ڪاچ آ ڪنهنجو،
مارڻ سَوڪو راڄ آ پنهنجو، چور سڄاڻ اهو ڪو پاڳيو ناهي،

تور ۾ ڪرين تو ڪلي ڪوٽ، ملاوٽ ۾ ملئي تي موچاري موٽ،
حق پرايو ڦٻائڻ هنر مڄين ٿو، ڏوهہ بخشائڻ حج وڃين ٿو،
گار ۽ گند ٿئي ڪرتو ڪار، ننيو وڏو ڏڪ تون ڏينهن نہ ڪار،
ماروئڙن تي ٿئي رڳو مارو مار، پاڳ پلا ٿئي ڪو جاڳيو ناهي،

رشوت جو مال ميڙين وينو، ڪوڙ ڳالهائي ڏندڙا ٽيڙين وينو،
ميرٽ جو پي ٿئي ٻيڙو ٻوڙيو، مسڪينن جي محنت ڪي پي لوڙهيو،
انصاف ونڻ اڄ اوڪو ٿيندو، جيڪو آس لڳائي اهو ڏوڪو ٿيندو،
هيبت جو جڻ هوڪو ٿيندو، بر بحر جبل اڄان تو جهاڳيو ناهي،

سکيو آهين سراسر بي ايماني، حرص هوس جي ٿئي ڪا ڳاني،
همٿ پريو ڪو هوشو ايندو، نيٽ تہ سڏ ڪو سچل ڏيندو،
انتظار انهيء ۾ وينا آهيون، نااميد ٿيا ”انمول“ اڄان پي ناهيون،
در ڏٽيءَ جي وينا دانهيون، سَلو اڄان اسان جو داڳيو ناهي،

جن پہ نازاں تھے

جن پہ ہم نازاں ہوتے تھے، وہی ہم کو قبر میں سلا گئے،
جن کی خاطر دعوے تھے، وہی ہم کو مٹی میں ملا گئے،

جان سے تھا بڑھ کے ہم نے چاہا جن کو،
وہ بھی ہمیں ٹھہرا نا پائے کچھ دن کو،
جن کے آنسو دھوتے تھے، وہی ہم کو زیر زمین رلا گئے،

خواب تھے جن کے سجائے سہانے ہم نے،
درد تھے جن کے سمیٹے پرانے ہم نے،
جن کو دکھ سناتے تھے، وہی ہم کو جام تنہائی پلا گئے،

جن کی خاطر تھا ہم نے جینا سیکھا،
جن کی خاطر تھا اپنے آنسو پینا سیکھا،
جن کا سہارا بنتے تھے، وہی ہم کو پہنا کر کپڑا ان سلا گئے،

جن میں کھو کر ہم نے دنیا سے منہ موڑا تھا،
ٹھوکر کھا کر بھی ہم نے نہ ان کو چھوڑا تھا،
جن کو نہ بھولتے تھے، وہی ہم کو ہمیشہ کے لیے بھلا گئے،

استاد

انسانيت جا جيڪو پاٺ پڙهائي،
عرش جون جيڪو چاڙهيون چڙهائي،
مَنَ اندر جيڪو محبت مالها مَڙهائي،
ڪونڌرن جا جيڪو ڪردار ڪڙهائي،
اهڙو ئي منهنجو استاد آهي،

الفت جا ٽو جيڪو اکر اچاري،
شخصيت کي پي جيڪو نکاري،
ڪِينو ڪُدورت ڌوڪو ڌِڪاري،
ڪاميابي جا جيڪو گس ڏيکاري،
هن جهڙو ڪو منهنجو محسن ناهي،
اهڙو ئي منهنجو استاد آهي،

جنهن منهنجي بگڙيل سِيرت سنواري،
تنهن ڪئي پنهنجي زندگي نِڇاور ساري،
جنهن مون لئي پنهنجي چاهت هاري،
تنهن مٿي هيءَ منهنجي عظمت واري،
جنهن ڏنو منهنجي اندر ليئو پائي،
اهڙو ئي منهنجو استاد آهي،

جنهن ڪي مون درد سارا دل جا سٽايا،
عزت عظمت وارا ڪيترا ڪردار ٻڌايا،
جوڌن جوانن ۾ جنهن نالا جام ڳڻايا،
جنهن بهادر ٻڌايو، جنهن بيحد بار ڪٽايا،
جيڪو منزل ماڻڻ تو منهنجي چاهي،
اهڙو ئي منهنجو استاد آهي،

استاد ابو ٻڌجي جيئڻ جو درس ڏئي ٿو،
فرض شناسي وارو پاڪ پيگ پئي ٿو،
شاگرد جي روپ ۾ سوين سال جيئي ٿو،
ڪمال ۽ ڪامياب ڏسي خوش ٿئي ٿو،
”سوڍر“ ڪري سلام، جيڪو ”انمول“ انسان ٿاهي،
اهڙو ئي منهنجو استاد آهي،

روح رَڙِي ٿو راهون تڪي الفت جو اظهار ڪير ڪندو؟
تو بن تن ۾ تات گهٽي نِينهن نِسورو نِروار ڪير ڪندو؟
دل جا درد دل ۾ دفن ٿيا، اميدن جو آستانو اُجڙي ويو
”انمول“ انسان اداس رهي، خلق ڪي خبروار ڪير ڪندو؟

حسن تنهنجي جي

حسن تنهنجي جي هاڪ هلي، دل زماني ڪيئن پلي،
منهنجو هو روح رڙيو، جدائي تي ويو جيءُ جلي،

يادن اندر ڪٿي اڌ ڪيو، هر هر توڏي هو پنڌ ڪيو،
هر هڪ هو سَنڌ سَڙيو، فراق ويو هو مون ڪي مِلي،

محفل متل ساري هئي، ڪٽيل بازي مون هاري هئي،
جيءُ هيو هنڌ اهڙي جڙيو، وجائي وينس ورڻ ڳلي،

سُور هاٿي سَليان ڪهڙو، هتڙا ويهي مليان ڪهڙو،
تار ٽٽل ها تڙ تان تڙيو، ڳالهه نہ ٿئي ڪنهن سان سَلي،

”انمول“ نيڻن ۾ رڳو نير آهن، سيني اندر ڪتل تير آهن،
هنڌ ساڳي ئي آهيان ڪڙيو، جتان موڪلايو تو هو ڪِلي،

چاهت ڪي چُمڻ ڇڏيان، عشق عبادت ڪرڻ ڇڏيان؟
محبت ڪي مجڻ ڇڏيان، روح راحت ڪرڻ ڇڏيان؟
بي ريا بندگي ڪپي پوري زندگي تي ”انمول“ اُتي پي
الفت ڪي اُڇارڻ ڇڏيان، اهڙي عادت ڪرڻ ڇڏيان؟

جڏ پرھ ڦٽي تڏ يقين آيو

جڏ پرھ ڦٽي تڏ يقين آيو،
انتظار هو پر مٽي نہ آيو،

اميد هئي مَنَ اچي هو نِڪري،
ديد سان مَنَ دِيد کو ٽڪري،
آسرو هو اجھو قلب مَڪين آيو،

ساھُ سِڪي، هڪ وار اچين تون،
قرب جا پري قدم يار اچين تون،
اميد هئي اجھو تن تسڪين آيو،

گھاري ڇڏيون مون اڻ ڪٽ راتيون،
راھ ۾ پاتم ويني هر هر جھاتيون،
آس لڳائِي "انمول" شائقين آيو،

اچو تہ الفت جا ڪي پيرا ڳولهيون

اچو تہ الفت جا ڪي پيرا ڳولهيون،
اچو تہ چاهت جا ڪي ديرا ڳولهيون،

وسندڙ ويڙھا ٿي ويران وياھِن،
شرم و حيا بہ ٿي حيران وياھِن،
اچو تہ راحت جا ڪي پيرا ڳولهيون،
قرب وڃي پيو ڪوهين ڏُور،
يادون وِڇهن پيون پل پل پُور،
اچو تہ قربت جا ڪي گھيرا ڳولهيون،
ڳوٺن جون ڳالهيون مَٽجي ويون،
رشتن جون راهون گھٽجي ويون،
اچو تہ حيات جا ڪي حيرا ڳولهيون،
اباڻن واري ريت پراڻي وِسري وئي،
نهنائي واري نيابت بہ نِڪري وئي،
اچو تہ امانت جا ڪي چيرا ڳولهيون،
مهمان نوازي ۾ مَور منهنجا مارو هئا،
هڪٻئي جي دردن جا هوندا دارو هئا،
اچو تہ وقت ان جا ڪي ويرا ڳولهيون،
"انمول" انسان اپايا هن ڌرتي ماتا آهن،
"سوڍر" ساھ کان وڌ سِنڌ سان ناتا آهن،
اچو تہ محنت جا ڪي ميرا ڳولهيون.

پوتار

خيال سان هل پوتار هڪ ڏينهن وارو وَرڻو ٿئي،
پير پنهنجا تون سُڌار آخر نيٺ تہ مَرڻو ٿئي،

ٿو هشمت ساڻ هلين، ڪَهل بہ ڪا ٿو ڪِين ڪرين،
ڪُڌو ٻڻايو ٿئي ڪِردار، نيٺ تہ قبر ۾ پَوڻو ٿئي،

هيڻو ٿو ماري مڃائين، انجام ان جو ڇا ٿو ڀانئين،
ٿو سُڏڪا ڀري سرڪار، نيٺ تہ بدلو ڀَرڻو ٿئي،

نياڻيون نماڻيون روز روئن، نيڻن مان ٿا مِينهن ٿِمن،
ڀاڳلن وارا ٿئي پرڪار، ڌڻيءَ اڳيان پو ڌرڻو ٿئي،

مگن رهين ٿو مستيءَ ۾، هَڙ وڃائين ٿو سُستيءَ ۾،
نِينهن نہ ٿئي نِروار، سڀ ڪجھ اُتي ڀَرڻو ٿئي،

”انمول“ عادت بَدلي وَٺُ، رب کي راضي ڪري وَٺُ،
مُهلت مِلي ٿئي مُهندار، ڪري وٺ جيڪو ڪرڻو ٿئي،

مرڪ تہ موڪلائي وٺون

لهي ويندا ڏک ڏولاوا، وسري ويندي وير،
مرڪ تہ موڪلائي وٺون،
قرب سان جو ڪنڌ رکي، ڪلهي تي وهيا نير،
مرڪ تہ موڪلائي وٺون،

صديون صدما سهندي گذريون، اکين مان وهندا رهيا مينهن،
ڳهاري ورتاسين ڏکيا سکيا ڏينهن، سيني منجھ ساڳي رهي سير،
مرڪ موڪلائي وٺون،

مقدر ۾ لکيل قضا جا قول قرار، ڪنڌ جهڪائي مڃياسين،
روئي رڙي سر تي سهياسين، ڪٽل رهيا پنهنجي تن ۾ تير،
مرڪ تہ موڪلائي وٺون،

هتي رهڻو عارضي عمل هو، هتي سدائين ڪير رهيو ناهي،
هڪ ڏينهن اوڏي هلبو ڪاهي، مڃان ٿو جدائي جهوري وجهندي جهير،
مرڪ تہ موڪلائي وٺون،

ڏکن سکن کي سڏبو آ زندگي، ڪهڙا ويهي ڪندي تون قرار،
فڪر ڪان ”سوڍر“ ڪونهي فرار،هيءَ ناهي منزل پنهنجي مير،
مرڪ تہ موڪلائي وٺون

سڀ ڪجھ عيان هو

سڀ ڪجھ عَيان هو اکڙين مان، پو ڇَپ چو چوريان هان،
درد سمائي سِيني ۾ رکيو هو مون، پو سُور چو سوريان هان،

مَنَ مندر ۾ سَجيل آ مُورت هُن جي، هيڪر هو جهاتي پائي،
هڪ وار ڏِيد پوي بس دلبر جي، مان هوند نيڻ وِڇايان هان،

سڀ ڪجھ هو مون وارَي ورتو، انجام ڪري هو پاري ورتو،
آب اکين جو اندر ئي پي ورتم، پو لڙڪ اڳيان چو لاريان هان،

ڏِيدون وجهي وينس دڳ ۾، منتظر رهيس مان پاڻ ئي اڳ ۾،
پيغام پَسي پُنهل جو مان ڊوڙي اچان، هلان چو هوريان هان،

پنهنجو پاڻ ۾ نہ پيو ماپان، دلبر جي ديدار مان نہ پيو ڍاپان،
وڃڻ ويري مُرڪ سَجايل هئس، پو هَنجون چو هاريان هان،

حال منهنجي تي حاوِي رَهيو، راز منهنجي جو راوي رَهيو،
منهنجي اندر جو آئينو هو ”انمول“، پو احوال چو اوريان هان،

جي اڄان بہ اسان سُڌرون تہ اسان ڏوهي

جي اڄان بہ اسان سُڌرون تہ اسان ڏوهي،
جي اڄان بہ هَٽ تان لهون تہ اسان ڏوهي،
اسان صدين کان سائين هيراڪ غلاميءَ جا،
ڪِرت پراڻي آ ٻيو دڳ ڪاهِيون تہ اسان ڏوهي،
اسان نسلن کان ذهني غلام ٻٽيل رهياسين،
جي ڳالھ انهيءَ تان ڦِرون تہ اسان ڏوهي،
اسان دڙڪا دَهمان، ڏِڪا ٿاٻا کائڻ جا عادي هون،
پنهنجي عادت پراڻي مَٽايون تہ اسان ڏوهي،
واعظي وضاحت ڪندي تڪجي منبر تان لٿو،
اگر وري ڪنهن ڏاهي جي مَڃون تہ اسان ڏوهي،
اسان جا گهر ٻار ٻنيون سڀ ڪجھ لُٽجي ويو،
نياڻيون نماڻيون ڏسي غيرت کائون تہ اسان ڏوهي،
امڙين جون آنهون، ٻچڙن جو دانهون، آب اکين ۾،
ڪِيڪات سُٺي ڪمزورن جا دانهيون تہ اسان ڏوهي،
پنهنجا مارا پاڻ سُڃاڻون، ٻَڌن وينا اسان جون پاڙون،
جي وري بہ انهن لاءِ نہ نيڻ وِڇايون تہ اسان ڏوهي،
اسان جي ٻچڙن جي وات مان گرھ ڪَڍي ٿا کائن،
اهڙن جي چاپلوسي نہ چاهيون تہ اسان ڏوهي،
اڙياسين اسان تہ هر ڪنهن ڪُتو ڪاتن سان،
پوءِ بہ پرڪار پنهنجا سُڌاريون تہ اسان ڏوهي،
جنهن کان جيترو پڳو پلاند اوڳاڙي وتائين،
اگر پوءِ بہ سُڌري تبديلي آڻيون تہ اسان ڏوهي،
”سوڍر“ سيڪو آ سُورن ۾، هر طرف آنهون ۽ دانهون،
آب ڏسي اکين ۾ پوءِ بہ مَڃون تہ اسان ڏوهي.

اسان جو آ ڏوھ کھڙو

اسان جو آ ڏوھ کھڙو، هتي جي جميا‌سين،
هر پل هر موڙ تي اسان، چو رُناسين رَڙياسين،
اسان اميدن آسرن تي پنهنجي زندگي گذاري ڇڏي،
ٻچن جي خوابن جي تعبير جي آسرن ۾ رهياسين،
رناسين تہ ريهون کري، داد نہ ٽِيَڙو دانهون کري،
ڏکيا ڏينهن ڏوري، پوءِ ڏاڍيان يا هوري هلياسين،
کير چوي هِت کير کُڇي، ڏاڍِ هلي ٿو ڏاڍو گهٽو،
چاهت ڇُمي ڇَپَ سِبي پنهنجي مُنهن سُور سَلياسين،
ماڻهُ چاهي تہ منزل، قرار چاهيو قلب مُتزلزَل جو،
نہ منزل مِلي نہ هوت هَليو، ڪَڏِ خوش ٿي کِلياسين،
حق مليو تہ کھڙو، جيئڻ جو مليو نہ مرڻ جو مليو،
جي رُناسين تہ لڙکن ٿوکيو، بس راهن ۾ رُلياسين،
اٿي لٿي ۽ اجهي جي اميد اُپامندي اُجهائي ڇڏي،
جي ثوابن سان مليا سي گناهن سان گڏائي ڇڏياسين،
غيور ٻڄون تہ اسان غنيمت جيان ٿا لُٽيا وڃون،
هوش رهي کيئن، هوشو هيمون کُهائي رُناسين،
سچل سامي سيد پٽائي، اسان جي حالن تي رُنو آهي،
رات روئي روح رَڙائي، ڏٽيءَ در پوءِ دانهين ٿياسين،
”سوڍر“ کريون تہ آخر چا، وڃون تہ کيڏانهن آخر،
”انمول“ انتظار ۾ اکيون، پنهنجن هوندي اوپرا هئاسين.

پک ڄاڻو تہ نہ کُڇنداسين

پلي کاٽِي کَنڌ کپيندي رهي، ڇُري پلي سِينو ڇاٽي کري،
سُتل آهن ضمير اسان جا، پک ڄاڻو تہ نہ کُڇنداسين
ابي امان جو اهو احترام ناهي، اولاد اول نافرمان آهي،
استاد روئي رَولاک رَوَيي تي، پَک ڄاڻو تہ نہ لُڇنداسين
هر آفيس ۾ رشوت مِنائي، نوٽ عيوض ٽيندي سَولي سٽائي
پلي حق کي ناحق سان گڏايو، پک ڄاڻو تہ نہ پُڇنداسين
ووٽ کي عزت کَڏِ ناهي ڏني، ڳچي هر بار آ نِمائي ڏني،
پوتار بابو اسان جو پل پيو ڏِکاري، پک ڄاڻو تہ نہ مُڙنداسين
ابي جون آنهون آسمان ڏارن، امڙين جون صدائون سِينو ڦاڙن،
هوٽلن جا هَيراک اسان هُون، پک ڄاڻو تہ نہ اُٿنداسين
روز اغوا ڏاڙا ڦرون، ڌوکو نڳي فريب فيشن اسان جو،
عزت الفت غيرت ويو سپ، پک ڄاڻو تہ نہ هٿنداسين
تعليم جي ٽيڻ لڳي تباهي، سياست هر ميدان ۾ سامائي
مهانگائي پل مَتون مُنجهائي، پک ڄاڻو تہ نہ چونداسين
کُڇڻ ڏوھ ٿا سمجهون، ڇَپَ سِبيَل پائو رهندا سدائين،
منهنجو چا پاڻ ڏيندا مُنهن، پک ڄاڻو تہ نہ کُلنداسين
ڪٽو ڪٽو کري حکومت هلايو، هِت حِيلو نہ سُجهي هکڙو،
پنهنجا کُهائي پاڻ ساٿ، پک ڄاڻو تہ نہ ڏيِنداسين
آزادي گهري ٿي قرباني، اها مالي هجي توڙي هجي جاني،
منزل سامهون ڏسي موٿبو، پک ڄاڻو تہ نہ سُرنداسين
وَوڙيندي وَيَڙا اسان جا سپ وڏڙا ويران کري تہ وَٽاڻ،
وساري کل پريت پراٽي پنهنجي، پک ڄاڻو تہ نہ وَرنداسين
پلي کُونڌر پيا کُسن، جوان ڊگريون کٽي رُلندا وتن،
کٽي آ همت هاٽي انقلاب جي، پک ڄاڻو تہ نہ آٽيِنداسين
غلاميءَ ۾ نہ هاٽي غم آهي، سيکو جان بچائڻ ۾ گم آهي،
حق جو هوکو ڏيڻ ڇڏيو، پک ڄاڻو تہ نہ هٽنداسين
واکا کري هاٽي ويهي رهبو، کُڇڻ کي کفر پيو مڃبو،
پرکار ڏسي بيوس ٻڄي، پک ڄاڻو تہ نہ هلنداسين
”سوڍر“ جَڏِ ٿو ڇَپَ ڇَوري، سيکو چوي مَٿو ڦِريو آ ڇوري،
”انمول“ ٻٽايو ايمان تہ انسان، پک ڄاڻو تہ نہ مڃنداسين

ڏسي ونجو

اسان نا اميد ناهيون، انقلاب کو ضرور ايندو، ڏِسي ونجو
رَڻُ دانگيءَ تي وَرندو، کو هوشو هيمون ايندو، ڏِسي ونجو

منهنجي ماروئڙن جون آنهون عرش تائين رَسنديون آخر،
انصاف ٿيندو، امن جون آسون پوريون ٿينديون، ڏِسي ونجو

سُتل هي منهنجا سانگيئڙا، بيهوشيءَ جو بانور ڇڏيندا آخر،
ماڳ جا مالڪ هي، واڳون هٿ هنن جي هونديون، ڏِسي ونجو

سنڌ امڙ بانجهه ناهي بٽي اجان، سورهيه سوايا ڄڻيندي آخر
هوشو هيمون ايندا، هِڪَ هِڪاٽيون ٿينديون، ڏِسي ونجو

اڄ اڻ ملهيو تو ماريو وڃي، بي ڏڙڪ تو ڏِڪاريو وڃي آخر،
ڪڏهن تہ ڪَيس کُلندا، عدالتون قائم ٿينديون، ڏِسي ونجو

عزت آبرو لاوارث آهي، نياڻي ڪَري ڪاري وڃي ماري آخر،
ميڙ ميڙاڪا دابا ڏرڻا، دانهون درمان ٿينديون، ڏِسي ونجو

جيڪو وني ووٽ وَسَ وارو ٿِئي، اهو ارمانن جو مارو آخر،
ايندو تہ ڌتڪاريو ويندو، اهڙيون راتيون ايندِيون، ڏِسي ونجو

جهالت جي جنگ ۾ عزت آبرو ادب احترام هڙ وڃائي آخر،
علم جي شمع ٻاري، "سوڍِر" راهون روشن ٿينديون، ڏِسي ونجو

جڏ لاڙو درسِ شاهہ لطيف هوندو، سچل پڙاڏو ايندو آخر،
وقت ايندو واءُ لڳندو، "انمول" عادتون هونديون، ڏِسي ونجو

بد مست ماڻهو

هت هرڪو تو پاڻ کي سير سَڏائي
بيوقوفيءَ جي بانور ۾ تو ماڻهو کُڏائي
پئسي خاطر پنهنجو ايمان وڪڻي
لافون هڻي پاڻ کي وينو پاڻ پَڏائي
ظلم سندس هت هاڻي زور هليو آ
هڪڙا بَدرائي تہ وري ٻيا تو چِڏائي
مسڪينن جو مارو ڏسو هي موپي
تو ڪوڙ کي وينو سچ سان گڏائي
پنهنجي هَڙ وڃائي وينو هاجان ڪري
لالچ لوڀ ڪري تو لالڻ سپ لڏائي
"انمول" اهو انڌو اٿئي عقل جو ادا
سمجهي تو هو سگهندو ڌرتي ڌڏائي

ياد آئي

روئي راتيون دل جا بار هلڪا ڪيا ٿم،
سارينديِ سُپرين نيڻين نير هاريا ٿم،
ڏئي جدائي جهوري جانب ويا ٿم،
وچڙي منهنجا سي سپ وَلر ويا ٿم،
تڏ هيڻان منهنجا هي حال ٿيا ٿم،
سِڪندي تن لئہ مون کي سال ٿيا ٿم،
ويران ويڙها پراڻا اڄ سندن آثار ٿيا ٿم،
هر ساعت لمحا سندن عبادت ٿيا ٿم،
وقت ويو گذري ڏني ڏينهن ٿيا ٿم،
"انمول" تڏهن منهنجا ههڙا حال ٿيا ٿم.

ڏوهه

هِت چَپ چورڻ بہ ڏوهه هِت چُپ رهڻ بہ ڏوهه
هِت خوش کِلڻ بہ ڏوهه هِت رُسي روئڻ بہ ڏوهه

ماٺهو منجي ويا، پُراڻيون ريتون رسمون هِت چڙي ويا
هِت ياد ڪرڻ بہ ڏوهه هِت واپس وَرڻ بہ ڏوهه

ڏتڙيل ٿو بي ڏوهه ماريو وڃي، گهر ڏٺي ٿو هِت ڌِڪاريو وڃي
هِت ڪجهه ڪُڇڻ بہ ڏوهه هِت ڪجهه پُڇڻ بہ ڏوهه

ڏوهي ٻٽيو بي ڏوهه گهُمي، بي ڏوهي هِت ٿو ٿاڻي سُمهي
هِت دانهن ڪرڻ بہ ڏوهه هِت فرياد رَسڻ بہ ڏوهه

ڪاڄي سَام ٿي ساري وڃي، ڪُڇي تہ هِت ٿي ماري وڃي
هِت ڏيءُ جَمڻ بہ ڏوهه هِت نِياز نِوڙڻ بہ ڏوهه

چوڪيدار ئي چور هجي، پو دانهن هِت ڪنهن کي ڏجي
هِت سياڻو ٿِيڻ بہ ڏوهه هِت چريو چوڻ بہ ڏوهه

”سودِر“ تون سِياڻو نہ ٿي، ”انمول“ اجائي هِت اياڻو نہ ٿي
هِت چاهت چُمڻ بہ ڏوهه هِت پريت پاڙڻ بہ ڏوهه

ڏوهه

هت گهمڻ بہ ڏوهه هت اچڻ بہ ڏوهه
هِت کِلڻ بہ ڏوهه هت روئڻ بہ ڏوهه

جيڪو ڳالهائي اهو ڪيو قيد ويندو
هِت ڪُڇڻ بہ ڏوهه هت پُڇڻ بہ ڏوهه

هِت دستور ئي پنهنجا هٿ نوڪِيا هِن
هِت اٿڻ بہ ڏوهه هِت وَيهڻ بہ ڏوهه

مظلوم ظالم سڏجي، ٿو سورن پلجي
هِت رُسڻ بہ ڏوهه هِت ڪُسڻ بہ ڏوهه

سينو ساهجي ڪٿ روح روئي رڙي
هِت ڏِسڻ بہ ڏوهه هِت گسڻ ڏوهه

”انمول“چريو آهين چئبو،تون چپ ڪر
هِت چوڻ بہ ڏوهه هِت هُئڻ بہ ڏوهه


ڪلام خليفه
شفيق احمد چنا "خليفي" جي شاعري جي مجموعي
جي
مهورتي تقريب
پاران: آس ويلفيئر ايسوسيئيشن لال شاهه ڪالوني ميهڙ




ڪلام خليفه




ڪلام دائود
ڪلام دائود


ڪلام خليفو


ڪلام خليفو




اعجاز علي سوڍر (پي ايڇ ڊي اسڪالر)




انساني فطرت ۾ ڪنهن نہ ڪنهن چاهت جو هجڻ شامل آهي. اها چاهت مختلف قسمن ۾ مختلف شين جي ٿئي ٿي. ساڳي طرح بابا سائين شفيق احمد شفيق چنہ جي قلبي چاهت بہ فلاحي و بهبودي خدمت ڪرڻ، تعليم و تعلم ۽ شاعري لکڻ آهي. بابا سائين جي ڪافي شاعري قلمي صورت ۾ بي ترتيب وکريل ورقن ۾ موجود آهي. جس هجي سائين محترم مولانا اعجاز علي سوڍر صاحب جن کي، جيڪو وقتا فوقتا بابا سائين جي شاعريءَ کي جمع ڪري ڪتابي صورت ۾ آڻي پيش ڪري ٿو. الله سائين سندس علم، ادب، عمر ۽ عمل ۾ برڪت ڪري. آمين.

صاحب خان بن شفيق احمد خليفا چنا







Scanned with CamScanner